حڪومت سنڌ

اسڪولن جي تعليم ۽ خواندگيءَ جو کاتو

# آسان سنڌيءَ جو نصاب

ٽئين کان پنجين درجي لاءِ

2024ع

اداره نصاب، جائزو ۽ تحقيق سنڌ، ڄامشورو

# فهرست


| سيريل نمبر | | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| 1. | سنڌي ٻوليءَ جي غير مادري زبان طور تدريس جي اهميت | 1 |
| 2. | آسان سنڌيءَ جي تدريس جا مقصد | 3 |
| 3. | سنڌي ٻوليءَ جون مهارتون | 4 |
| 4. | درجو ٽيون Grade - III | |
| | ٻڌڻ Listening | 5 |
| | ڳالهائڻ Speaking | 7 |
| | پڙهڻ Reading | 9 |
| | لکڻ Writing | 12 |
| | زبان شناسي Language Cognition | 14 |
| 5. | درجو چوٿون Grade - IV | |
| | ٻڌڻ Listening | 15 |
| | ڳالهائڻ Speaking | 17 |
| | پڙهڻ Reading | 19 |
| | لکڻ Writing | 21 |
| | زبان شناسي Language Cognition | 23 |
| 6. | درجو پنجون Grade - V | |
| | ٻڌڻ Listening | 25 |
| | ڳالهائڻ Speaking | 27 |
| | پڙهڻ Reading | 29 |
| | لکڻ Writing | 31 |
| | زبان شناسي Language Cognition | 33 |
| 7. | ٽئين درجي لاءِ تجويز ڪيل عنوان | 35 |
| 8. | چوٿين درجي لاءِ تجويز ڪيل عنوان | 36 |
| 9. | پنجين درجي لاءِ تجويز ڪيل عنوان | 38 |
| 10. | درسي ڪتاب جي تياري | 40 |
| 11. | تجويز ڪيل تدريسي حڪمت عمليون (Teaching Strategies) | 43 |
| 12. | تدريسي مددي شيون | 49 |
| 13. | استادن جو رهبر | 51 |

| | | |
|---|---|---|
| .14 | جائزي لاءِ حڪمت عمليون | 53 |
| .15 | آسان سنڌيءَ (ٽئين ڪان پنجين درجي تائين) نصاب ۽ درسي ڪتابن جي تياري ۽ جائزي جي ڪاميٽي | 57 |

# پيش لفظ

نصاب جو مفهوم اهي سڀ سرگرميون آهن، جيڪي سکيا دوران ڪلاس اندر يا ٻاهر، شاگردن ۽ شاگردياڻين جي ڪردار ۾ مثبت تبديليون آڻڻ لاءِ انجام ڏنيون وڃن ٿيون. نصاب ٺاهڻ ۽ سُڌارڻ، هڪ مسلسل عمل آهي. جنهن ۾ هن ڳالهه جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي ته نصاب کي وقت جي گُهرجن موجب جديد کان جديد بنايو وڃي ۽ بدلجندڙ حالتن مطابق ان ۾ ترميمون ۽ واڌارا ڪري سگهجن. ايڪيهين صديءَ ۾ تيزيءَ سان ايندڙ تبديلين سبب علمي ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ميدان ۾ به ڪيترين ئي اڳڀرايون ٿيون آهن، جن کي ايندڙ نسلن تائين پهچائڻ جي ضرورت آهي.

2010ع ۾ 1973ع جي آئين ۾ ارڙهين ترميم آندي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ تعليم سميت ٻين ڪيترن ئي شعبن کي مڪمل طور صوبن جي حوالي ڪيو ويو، سنڌ صوبي ۾ نصاب جوڙڻ جي عمل کي اڳتي وڌائڻ لاءِ DCAR کي ذميواري سونپي وئي، جنهن مرحليوار مختلف مضمونن جي نصابن جو جائزو ورتو آهي ۽ نوان نصاب پڻ جوڙيا آهن. اداره نصاب، جائزو ۽ تحقيق سنڌ ڄامشورو جي انتظام هيٺ آسان سنڌيءَ جو نصاب (ٽئين کان پنجين درجي تائين) غير مادري زبان طور سکيا جي جديد نظرين ۽ تحقيق جي بنياد تي تيار ڪيو ويو آهي.

آسان سنڌي پڙهڻ وارن شاگردن جي مادري زبان گهڻو ڪري اردو آهي، تنهنڪري غيرمادري زبان جي نصاب ۾ موجود 'معيار'، 'مرحليوار حد' ۽ خاص طور تي 'سکيا جي حاصلات' ۾ ٻنهي زبانن سنڌي ۽ اردو جي هڪجهڙاڻين کي به نگاهه ۾ رکيو ويو آهي ۽ ان سان گڏو گڏ 2015 ۾ جوڙيل پڙهڻ جي معيارن (Reading Standards) کي به آڏو رکيو ويو آهي.

آسان سنڌيءَ جي نصاب ۾ اهڙا دلچسپ موضوع ۽ عنوان به شامل ڪيا ويا آهن جن سان شاگردن ۾ امن، پائيچاري، رواداري ۽ انساني حقن جي پاسداري برقرار رهي ۽ پنهنجي عام زندگيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي استعمال کي به يقيني بڻائي.

آسان سنڌيءَ جي نصاب تي نظرثاني ڪرڻ وقت هيٺ ڏنل ڳالهين جو خاص خيال رکيو ويو آهي ته جيئن آسان سنڌي غيرمادري زبان وارن ٻارن کي سيکارڻ جو مقصد چٽيءَ ريت بيان ٿي سگهي.

1. آسان سنڌيءَ جي تدريس نهايت سادي، دلچسپي ۽ سائنسي انداز ۾ ڪئي وڃي.
2. لفظن جي ذخيري ۾ ڏاڪي به ڏاڪي واڌارو ڪيو وڃي.
3. وڌ ۾ وڌ لساني سرگرمين جو بندوبست ڪيو وڃي ته جيئن ٻار عملي طور تي سنڌي ٻولي تي عبور حاصل ڪري سگهن.
4. ٻوليءَ جي قاعدن جي تدريس عملي مشقن ذريعي ڪئي وئي آهي. آسان سنڌيءَ جو نصاب اِن ريت مرتب ڪيو ويو آهي ته جيئن درسي ڪتاب جي تياريءَ ۾ ڪنهن به قسم جي مشڪلات پيش نه اچي سگهي ۽ ان سان گڏوگڏ جاچ ۽ جائزي جي اهميت کي نظر ۾ رکندي غيرمادري ٻوليءَ جي نصاب ۾ جائزي بابت مواد شامل ڪيو ويو آهي ته جيئن ٻوليءَ جي مهارتن کي درست انداز ۾ پرکي سگهجي.

5. سنڌ جي عظيم شاعر حضرت شاھ عبداللطيف ؒ جي زندگي ۽ فڪر کي نئين نسل تائين پھچائڻ لاءِ اسان سنڌيءَ جي ھر ڪلاسن ۾ لطيف شناسيءَ بابت ٻارن جي ذھني صلاحيتن موجب مواد نظم ۽ نثر ۾ شامل ڪرڻ جي ھدايت ڪئي وئي آھي.
6. جديد تور جي مسئلن ۽ گُھرجن کي آڏو رکندي ماحوليات، صحت ۽ صفائي، ٻارن جي حقن تاريخي ماڳن ۽ مڪانن، قدرتي آفتن اچڻ دوران مثبت روين جي اوسر، امن، انساني برابري، رواداري ۽ سماجي ھم آھنگي ۽ ھمدردي جھڙن موضوعن کي پڻ نصاب جو حصو بڻايو ويو آھي.

اميد تہ ليکڪ ۽ لاڳاپيل ادارہ، ھن نصاب جي روح مطابق، درسي ڪتابن جي تياري ۽ گھربل مواد تيار ڪندا. اھڙيءَ طرح استادن جي تربيتي ادارن، وَسَ وارن ۽ امتحان وٺندڙن مان بہ اميد ڪئي وڃي ٿي تہ آسان سنڌيءَ جي جديد تقاضائن، ھدايتن ۽ سفارشن موجب پنھنجي پنھنجي ادارن جي دائرہ ڪار ۾ ضروري تبديليون ڪندا تہ جيئن نصاب جي اصل روح موجب شاگردن جي تعليم ۽ تربيت ممڪن بنائي سگھجي.

ادارو، ڪاميٽيءَ جي چيئرمين، ميمبرن ۽ ٻين ادارن ۽ انھن سيني فردن جو ٿورائتو آھي جن جي تعاون ۽ ڪوشش سان ھيءُ نصاب تيار ٿيو. اميد تہ ھن نصاب کي عمل ۾ آڻڻ دوران بہ تعاون جاري رھندو. آخر ۾ سيني لاڳاپيل ادارن ۽ فردن کي گذارش ڪجي ٿي تہ نصاب کي بھتر بنائڻ لاءِ اداري کي پنھنجي تجويزن ۽ مشورن کان ضرور آگاھ ڪندا.

**پاران:**

ادارہ نصاب، جائزو ۽ تحقيق سنڌ، ڄامشورو

## سنڌي ٻوليءَ جي غير مادري زبان طور تدريس جي اهميت

ڪنهن ٻوليءَ جي اهميت جو اندازو انهيءَ ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو تہ اها ڪيتري پراڻي ۽ شاهوڪار آهي. ان ۾ علمي ۽ ادبي زبان بنجڻ جي ڪيتري صلاحيت آهي .ماڻهن جو ڪيترو تعداد ان کي پنهنجيءَ سوچ، گفتگو، تحرير ۽ تعليم جي ذريعي طور ڪم آڻي ٿو، ۽ اها ٻولي ڪيتري ايراضيءَ ۾ ڳالهائي، لکي ۽ پڙهي وڃي ٿي. انهن ڳالهين کي سامهون رکي ائين چئي سگهجي ٿو تہ:

1. سنڌي ٻولي، دنيا جي قديم ۽ اوائلي ٻولين مان هڪ آهي. ان کي پنهنجو اڻ کٽ علمي ۽ ادبي خزانو آهي ،جيڪو تمام گهڻي انداز ۾ عام ماڻهن جي گفتگوءَ ۽ سنڌي لغات ۾ محفوظ آهي .اسان جي شاعرن ۽ اديبن پنهنجي علمي ۽ ادبي ڪماليت جو اظهار، سنڌي ٻوليءَ ۾ ئي ڪيو آهي ۽ ان وسيلي ئي سندن خيال اسان تائين پهچي سگهيا آهن.
2. سنڌي ٻولي، صدين کان اسان جي قديم تهذيب ۽ تمدن جو مظهر آهي، هن ٻوليءَ ۾ اسان جو تهذيبي، ثقافتي ۽ تاريخي سرمايو محفوظ آهي.
3. هيءَ ٻولي موجوده زماني ۾ ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ ۽ وڻج واپار لاءِ مارڪيٽنگ جي ٻولي بڻجي چڪي آهي.
   - هن وقت هيءَ ٻولي اليڪٽرانڪ ميڊيا جي ٻوليءَ جي حيثيت حاصل ڪري چڪي آهي. پاڪستان ۾ خانگي ٽي وي جي ڪيترن ئي چئنلن تان سنڌي ٻوليءَ ۾ چوويهہ ئي ڪلاڪ نشريات جاري آهي، اهي چئنل دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ روزانہ ڏٺا وڃن ٿا.
   - اهڙيءَ طرح اخباري ميڊيا تي سنڌ مان ڪيترين ئي اخبارون، جن ۾ روزانو ۽ هفتيوار اخبارون، ماهوار ۽ ٽماهي رسالا شايع ڪيا ويندا آهن.
4. سنڌي ڳالهائيندڙ ٻارن لاءِ, سنڌي ٻوليءَ جي سکيا / پڙهائڻ جو سلسلو سنڌ ۾ صدين کان هلندڙ آهي.
5. انهن حقيقتن جي آڌارتي اهوچئي سگهجي ٿوتہ سنڌي ٻولي اڄ بہ دنيا جي اهم ٻولين مان هڪ آهي، جنهن جي مادري زبان توڙي غيرمادري زبان طور سکيا / تدريس جي وڏي ضرورت آهي، ۽ ان جي پڙهائڻ لاءِ قومي جذبي ۽ پيشہ ور استادن جي بہ گهڻي گهرج آهي.
6. سنڌي ٻوليءَ جي مادري توڙي غير مادري زبان طور لازمي تدريس لاءِ سنڌ جي صوبائي اسيمبليءَ، 7 جولاءِ 1972ع ۾، سنڌي ٻولي لازمي طور پڙهائڻ ۽ سيکارڻ جو ’1972ع وارو ائڪٽ‘ بحال ڪيو، جنهن ۾ اهو ضروري ڄاڻايو ويو هوتہ سنڌي ٻوليءَ جي لازمي سکيا ۽ دفترن ۾ عام استعمال جو جوڳو بندوبست ڪيو وڃي ۽ ان سلسلي ۾ تحقيقي رٿائون جوڙيون وڃن.
7. سنڌي ٻوليءَ جي وسعت جو اندازو انهيءَ ڳالهہ مان بہ لڳائي سگهجي ٿو تہ ان ۾ دنيا جي اڪثر ٻولين جي ڀيٽ ۾ ڳالهائيندڙ ماڻهو، دنيا جي ڪهڙي بہ ٻوليءَ جا صوتي آواز سولائيءَ سان اچاري سگهن ٿا.
8. سنڌي ٻوليءَ جي علمي، ادبي ۽ ثقافتي ۽ اهميت جو خيال رکندي، انگريز سرڪار پنهنجي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ کي اسڪولن، ڪاليجن، سرڪاري دفترن، عدالتن ۽ وڻج واپار ۾ رائج ڪيو هو. پر اهو


اداره نصاب، جائزو ۽ تحقيق، سنڌ، ڄامشورو- اسڪولن جي تعليم ۽ خواندگيءَ جو کاتو، حڪومت سنڌ

۽ ڏيان ۾ رکڻ گهرجي تہ سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت واري دور 1010(ع-1351ع) اسلام جي داعين، اسلام جي تبليغ, سنڌي ٻوليءَ ذريعي ڪئي ۽ اسان کي اها شهادت ملي ٿي تہ ارغونن, ترخانن، مغلن ۽ ڪلهوڙن جي دور ۾ بہ سنڌي ٻولي، سنڌ جي مدرسن ۾ تعليمي ذريعي طور رائج هئي.

9. پاڪستان جي تحريڪ دوران ٻين علائقن جي ٻولين وانگر سنڌ ۾ سياسي ۽ نظرياتي سجاڳي آڻڻ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو اهم ڪردار رهيو. سنڌ ۾ اهڙي سياسي سجاڳي سنڌي اخبارن ۽ رسالن ذريعي آئي.

10. سنڌي ٻولي، پنهنجي بنيادي وياڪرڻي جوڙجڪ ۽ لفظن جي ذخيري جي لحاظ کان اردو ٻوليءَ ۽ پاڪستان جي ٻين ٻولين سان ويجهي لڳ لاڳاپي واري زبان آهي .

11. سنڌي ٻوليءَ جي اهميت ۽ حيثيت کي آڏو رکندي سنڌ سرڪار، جولاءِ 1972ع واري، سنڌ اسيمبليءَ جي بحال ڪيل ائڪٽ مطابق سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ واڌاري تي خاص ڌيان ڏنو آهي ۽ ان کي سنڌي ڳالهائيندڙ شاگردن لاءِ ٻارهين ڪلاس تائين مادري زبان طور ۽ سنڌي ٻولي نہ ڳالهائيندڙ شاگردن لاءِ ڪلاس ٽئين کان ٻارهين تائين غير مادري زبان طور لازمي قرار ڏنو آهي، سنڌي ٻوليءَ جي انهيءَ جائزي کان پوءِ اها ڳالهہ چٽي ٿي وڃي ٿي تہ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي، تهذيبي ،علمي، ادبي، سماجي، ثقافتي ۽ قومي ٻڌيءَ جي لحاظ کان تمام گهڻي اهميت آهي.

12. سنڌ سرڪار جي 1972ع واري ايڪٽ موجب ۽ سنڌي ٻولي نہ ڳالهائي سگهندڙ شاگردن جي ضرورت کي سمجهي آسان سنڌيءَ جي تدريس کي تمام ضروري سمجهيو ويو آهي.

13. ڏٺو ويو آهي تہ سنڌي ٻولي نہ ڳالهائيندڙ شاگردن کي روزمره جي ڪاروهنوار ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تمام گهڻي ضرورت ٿئي ٿي.

14. سنڌ جي تعليم کاتي ۽ نصاب جي اداري پاران آسان سنڌيءَ جو نصاب، ٽئين کان پنجين درجي تائين انهن ٻارن لاءِ جوڙيو ويو آهي، جن جي مادري زبان سنڌي نہ آهي. آسان سنڌيءَ جي نصاب ذريعي سنڌي زبان جي بنيادي سکيا ڏيڻي آهي جيئن اُهي روزاني زندگيءَ ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائي، سمجهي، پڙهي ۽ لکي سگهن، گڏوگڏ نصاب ذريعي ڏنل سکيا کي روزمره جي عملي زندگيءَ ۾ درست نموني ڪتب آڻي سگهن.

# آسان سنڌيءَ جي تدريس جا مقصد

## (ٽئين کان پنجين درجي تائين)

هيءُ نصاب سنڌي مادري زبان نہ ڳالهائيندڙ ٻارن لاءِ جوڙيو ويو آهي. سنڌي زبان جي بنيادي جوڙجڪ کان ٻارن کي اهڙيءَ ريت واقف ڪرڻو آهي، جو اهي روزاني زندگيءَ ۾ سنڌي ٻولي سمجهي، ڳالهائي، پڙهي ۽ لکي سگهن. ان کي روزمره جي عملي زندگيءَ ۾ ڪتب آڻي سگهن.

1. ٻارن کي سنڌي ٻوليءَ جي الف - بي سيکارڻ، تہ جيئن هو ڏاکي بہ ڏاکي ٻولي سکي سگهن.
2. سنڌي ۽ اردو ٻولين جي انهن اکرن جي واقفيت ڏيڻ، جيڪي صورت ۾ هڪجهڙا آهن.
3. سنڌي ۽ اردوءَ جي انهن اکرن کان واقف ڪرڻ، جن جا اچار ساڳيا آهن، پر لکڻ ۾ فرق آهي.
4. سنڌي ٻوليءَ جي خاص آوازن وارن اکرن (ٻ ڏ ڇ ڳ ڄ ڻ ڱ) کان واقف ڪرڻ.
5. سنڌي ٻوليءَ جي اهڙن سادن لفظن جي ڄاڻ ڏيڻ، جيڪي ٻنهي ٻولين ۾ ٿوري فرق سان ڳالهايا ۽ لکيا وڃن ٿا.
6. ٻارن کي اهڙن لفظن جي ڄاڻ ڏيڻ، جن جو سنڌيءَ ۽ اردوءَ ۾ جنس جي حوالي سان مختلف استعمال آهي، جيئن: منهنجي دل / *میرا دل*، سنو ڪتاب / *اچھی کتاب*، سني اخبار / *اچھا اخبار* وغيره.
7. ٻارن ۾ صاف ۽ خوش خط لکڻ جي عادت پيدا ڪرڻ.
8. ٻارن جي معلومات ۾ واڌارو ڪرڻ ۽ منجهن اضافي مطالعي جي عادت پختي ڪرڻ.
9. ٻارن ۾ مثبت سوچ جي صلاحيت پيدا ڪرڻ.
10. ٻارن کان لفظن جي درست اچارن جي مشق ڪرائڻ.
11. ٻارن ۾ تخليقي ۽ تنقيدي سوچ پيدا ڪرڻ.
12. سنڌي ٻوليءَ جي آسان ۽ دلچسپ ادب لاءِ چاهہ پيدا ڪرڻ.
13. ٻارن ۾ روزمره جي ضرورت موجب سادن جملن ۽ پئراگرافن پڙهڻ ۽ لکڻ جي مهارت پيدا ڪرڻ.
14. ڪا بہ ڳالهہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻڌي، سمجهي ٻين تائين پهچائڻ جي اهليت پيدا ڪرڻ.
15. ٻارن ۾ مختصر پيغامن پهچائڻ جي اهليت ۾ اضافو ڪرڻ.
16. ٻارن کي ٻوليءَ جي سادن اصولن ۽ قاعدن (گرامر) کان واقف ڪرڻ.
17. ٻارن ۾ نثر ۽ نظم کي سمجهڻ ۽ روانيءَ سان پڙهڻ جي صلاحيت پيدا ڪرڻ.

# سنڌي ٻوليءَ جون مهارتون

| | |
|---|---|
| .1 ٻڌڻ | Listening |
| .2 ڳالهائڻ | Speaking |
| .3 پڙهڻ | Reading |
| .4 لکڻ | Writing |
| .5 زبان شناسي/ گرامر | Language Cognition |

## درجو ٽيون: (Grade-III)

| مهارت Competency-1 | ٻڌڻ Listening | |
|---|---|---|
| معيار Standards (ٽئين کان پنجين درجي تائين) ☜ | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. روز مره جي ڳالهه ٻولهه ۾ استعمال ٿيندڙ گهٽ ۾ گهٽ ٽي هزار پنج سَو (3500) لفظ، سادن جملن ۾ ٻُڌي، سمجهي سگهن.<br>2. سنڌيءَ ۾ ڪوبه متن ٻُڌي، ان جي اهم نُڪتن جو ادراڪ ڪري سگهن. | |
| مرحليوار حد Benchmarks درجو ٽيون ☜ | 1. روز مره استعمال ٿيندڙ گهٽ ۾ گهٽ پندرهن سَو (1500 ) لفظ، سادن جملن ۾ ٻُڌي، سمجهي سگهن. | 2. نظم ۽ آکاڻيون ٻُڌي، سمجهي سگهن. |
| سکيا جي حاصلات Student Learning Outcomes (SLOs) درجو ٽيون ☜ | 1. سنڌي ۽ اردو الف- بي جا آواز ٻڌي، سڃاڻي سگهي.<br>2. سنڌي ۽ اردو الف- بي جي اکرن جي آوازن کي ٻڌي، سڃاڻي سگهي.<br>3. هم آواز اکرن جا آواز ٻڌي، لفظن ۾ انهن جو فرق سمجهي سگهي.<br>4. سنڌي ۽ اردوءَ جي هڪجهڙن اکرن جي آوازن کي ٻڌي، سمجهي سگهي.<br>5. سنڌي ۽ اردوءَ جي مختلف اکرن جي آوازن کي ٻڌي، سمجهي سگهي. | 1. نظم، سُر ۽ لئه سان ٻُڌي، لطف حاصل ڪري سگهي.<br>2. لطيفا ٻڌي، انهن کي سمجهي سگهي.<br>3. آکاڻي ٻُڌي، مقصد سمجهي سگهي.<br>4. آکاڻيءَ ۾ ڪردارن بابت ٻُڌي، انهن کي سڃاڻي سگهي.<br>5. سادن جملن واري گفتگو ٻُڌي، سمجهي سگهي.<br>6. مليل هدايتن کي سمجهي، انهن تي عمل ڪري سگهي.<br>7. آکاڻي يا ڪوبه متن ٻڌي، مختصر سوالن جا جواب ڏئي سگهي. |

| | | |
|---|---|---|
| | 6. سنڌي اکرن جي آوازن کي ٻڌي، سمجهي سگهي، جيئن: ٻ-ڏ-ڄ- ڃ- ڻ-ڳ- ڳ.<br>7. سنڌي ۽ اردوءَ جي مختلف اکرن جي ساڳين آوازن کي ٻڌي، سمجهي سگهي، جيئن: ٺ-ٽ وغيره<br>8. سنڌي ۽ اردوءَ جي ساڳين اکرن جي مختلف آوازن کي ٻڌي، سمجهي سگهي، جيئن: ک- ک (اردو: ڪ)<br>9. نون غني وارا لفظ ٻڌي، سمجهي سگهي.<br>10. ٻن يا ٻن کان وڌيڪ پدن وارن لفظن کي ٻُڌي، درست ٽوڙي ۽ جوڙي سگهي.<br>11. سادا لفظ ٻڌي، سمجهي سگهي.<br>12. ’هي- آهي- آهن- آهيان وغيره‘ کي ٻڌي، فرق سمجهي سگهي.<br>13. اکرن، لفظن، جملن ۽ ڳڻپ بابت سوال ٻڌي، سمجهي سگهي.<br>14. سنڌيءَ ۾ ڪيل سوال ٻڌي، سمجهي سگهي.<br>15. خبرون ، ڊراما ۽ فيچر ڏسي، ٻڌي ۽ سمجهي سگهي. | |

## درجو ٽيون: (Grade-III)

| Competency-1 مهارت | ڳالهائڻ Speaking | |
|---|---|---|
| ☜ معيار Standards (ٽئين کان پنجين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته :<br>1. روز مره جي ڳالهه ٻولهه ۾ استعمال ٿيندڙ گهٽ ۾ گهٽ ٽي هزار پنج سَو (3500) لفظ سادن جملن ۾ ٻڌي، درست اچاري سگهن.<br>2. سنڌيءَ ۾ ڪوبه متن ٻُڌي، ان جي اهم نڪتن کي بيان ڪري سگهن. | |
| ☜ مرحليوار حد Benchmarks درجو ٽيون | 1. روز مره استعمال ٿيندڙ گهٽ ۾ گهٽ پندرهن سَو (1500) لفظ ٻڌي، ورجائي سگهن. | 2. نظم ۽ آکاڻيون ٻڌي، ٻڌائي سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات Student Learning Outcomes (SLOs) درجو ٽيون | 1. سنڌي الف-بي جا آواز ٻڌي، صحيح طريقي سان اچاري سگهي.<br>2. سنڌي ۽ اردوءَ جي الف- بي جي اکرن جي آوازن کي ٻڌي، درست اچاري سگهي.<br>3. هم آواز اکرن کي سڃاڻي، درست اُچاري سگهي.<br>4. سنڌي ۽ اردوءَ جي هڪجهڙن اکرن جي آوازن کي ٻڌي، درست اچاري سگهي.<br>5. سنڌي ۽ اردوءَ جي مختلف اکرن جي آوازن کي ٻڌي، درست اچاري سگهي.<br>6. سنڌي اکرن جي آوازن کي ٻڌي، ورجائي سگهي، جيئن: ٻ- ڄ- ڏ- ڳ- ڱ- ڻ. | 1. نظم سُر ۽ لئه سان ٻڌائي سگهي.<br>2. لطيفا ٻڌائي سگهي.<br>3. آکاڻي ٻڌي، ان جو مقصد ٻڌائي سگهي.<br>4. آکاڻيءَ جي ڪردارن بابت ٻڌائي سگهي.<br>5. پکين ۽ جانورن بابت آکاڻيون ٻڌائي سگهي.<br>6. آکاڻيءَ بابت مختصر سوالن جا جواب ڏئي سگهي.<br>7. عام استعمال ٿيندڙ لفظ ٻڌي، انهن جي معنىٰ ٻڌائي سگهي.<br>8. سادن جملن واري گفتگو ڪري سگهي.<br>9. مليل هدايتن بابت ٻڌائي سگهي ۽ ٻين ٽائين پهچائي سگهي.<br>10. سوال سمجهي، انهن جا جواب ڏئي سگهي.<br>11. پاڻ، پنهنجي گهر ۽ اسڪول بابت ڳالهه ٻولهه ڪري سگهي. |

| | | |
|---|---|---|
| | 7. سنڌي ۽ اردوءَ جي مختلف اکرن جي ساڳين آوازن کي ٻڌي، درست اچاري سگهي. مثلاً: ت -ٽ وغيره<br>8. سنڌي ۽ اردوءَ جي ساڳين اکرن جي مختلف آوازن کي ٻڌي، درست ورجائي سگهي، مثلاً : ک -ڪ (اردو: ک)<br>9. نون غني وارا لفظ ٻڌي، ورجائي سگهي.<br>10. ٻن يا ٻن کان وڌيڪ پدن وارا لفظ ٻڌي، درست ٽوڙي ۽ جوڙي، ٻڌائي سگهي.<br>11. سادا لفظ ٻڌي، درست اچاري سگهي.<br>12. ’ھي- آھي- آھن- آھيان وغيره‘ کي ٻڌي، فرق ٻڌائي سگهي.<br>13. اکرن، لفظن، جملن ۽ ڳٽپ بابت سوال ٻڌي، درست جواب ڏئي سگهي.<br>14. سنڌيءَ ۾ ڪيل سوال ٻڌي، درست جواب ڏيئي سگهي.<br>15. خبرون، ڊراما ۽ فيچر ڏسي، ٻڌي، انهن بابت ٻڌائي سگهي.<br>16. ٻن يا ٽن جملن ۾ پنهنجو تعارف ڪرائي سگهي.<br>17. پنهنجي پسند جي ڪنهن بہ شيءِ يا راند بابت گهٽ ۾ گهٽ ٽي جملا ڳالهائي سگهي. | 12. پنهنجي پسند جون پروليون ٻڌائي سگهي.<br>13. پنهنجي پسند جي آکاڻي يا نظم ٻڌائي سگهي. |

## درجو ٽيون: (Grade-III)

| Competency-1<br>مهارت | Reading پڙهڻ | |
|---|---|---|
| ☜ معيار<br>Standards<br>(ٽئين کان پنجين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. سادي عبارت کي درست اچار، ادائگيءَ ۽ رواني‌ءَ سان پڙهي، سمجهي سگهن.<br>2. خاموش يا بلند آواز سان پڙهي، مطالعي جي عادت پيدا ڪري سگهن. | |
| ☜ مرحليوار حد<br>Benchmarks<br>درجو ٽيون | 1. سنڌي الف- بي جي اکرن ۽ آوازن کي سادن لفظن ۽ جملن ۾ سڃاڻي، پڙهي سگهن. | 2. مختصر آکاڻيون ۽ نظم پڙهي سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات<br>Student Learning Outcomes<br>(SLOs)<br>درجو ٽيون | 1. سنڌي الف، بي جا اکر پڙهي سگهي.<br>2. سنڌي ۽ اردوءَ جي مختلف اکرن وارن لفظن کي درست اچار سان پڙهي سگهي.<br>3. سنڌي ۽ اردوءَ جي ساڳين شڪلين وارن اکرن جي لفظن کي درست اچار سان پڙهي سگهي.<br>4. سنڌي ۽ اردوءَ جي مختلف شڪلين ۽ ساڳين آوازن وارن اکرن جي لفظن کي درست اچار سان پڙهي سگهي. | 1. نظم سُر ۽ لئه سان پڙهي، لطف اندوز ٿي سگهي.<br>2. نظم پڙهي، ڪردارن ۽ شين جا نالا ٻڌائي سگهي.<br>3. پنهنجي پسند جو نظم پڙهي، ٻڌائي سگهي.<br>4. گهٽ ۾ گهٽ پنجن جملن جي آکاڻي پڙهي، سمجهي سگهي.<br>5. مختصر آکاڻي پڙهي، پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪري سگهي.<br>6. سادي آکاڻي پڙهي، پنجن مان ٽن سوالن جا درست جواب ڏئي سگهي.<br>7. تصوير جي مدد سان عبارت پڙهي، سمجهي سگهي.<br>8. آکاڻي پڙهي، ڪردارن بابت ٻڌائي سگهي. |

| | | |
|---|---|---|
| | 5. سنڌي ٻوليءَ جي الف- بي جي وينجنن (Consonants) ۽ سُرن (Vowels) جي آوازن کي درست نموني ادا ڪري، پڙهي سگهي.<br>6. الف - بي جي اکرن جي سالم، شروع واري، وچ واري ۽ آخري شڪل سڃاڻي، درست پڙهي سگهي.<br>7. لفظن جي ابتدائي آواز ۽ اکر کي تبديل ڪري، نوان با معنيٰ لفظ ٺاهي، پڙهي سگهي.<br>8. الف- بي جي اکرن کي ملائي، پَد ۽ پدن کي ملائي لفظن کي درست اعرابن، (زبر، زير ۽ پيش) سان، پڙهي سگهي.<br>9. ٻن کان پنجن اکرن وارا لفظ درست اُچار سان پڙهي سگهي .<br>10. بصري لفظ سڃاڻي، پڙهي سگهي مثال طور ’هي- آهي- آهن‘ وغيره.<br>11. اکر، لفظ، علامتون( Signs) ۽ جملا سڃاڻي، پڙهي سگهي.<br>12. سادا لفظ ۽ جملا ٻڌي، درست اچاري سگهي.<br>13. ٽن پدن وارا لفظ ٽوڙي ۽ جوڙي، پڙهي سگهي.<br>14. سنڌيءَ ۾ ڳُٽپ جي انگن کي لفظن ۾ هڪ کان ٽيهن تائين پڙهي سگهي.<br>15. بورڊ، تختيون ۽ سائن بورڊ پڙهي سگهي. | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | 16. ٽن کان پنجن لفظن وارا جملا رواني؛ سان پڙهي سگهي.<br>17. هڪ منٽ ۾ 15 کان 30 لفظ درست اچار سان پڙهي سگهي.<br>18. نون غني وارا لفظ درست اچار سان پڙهي سگهي.<br>19. بي ترتيب اکرن کي درست ترتيب ڏئي، پڙهي سگهي.<br>20. درجيوار متن منجهان پنجن مان ٽن سوالن جا درست جواب ڏئي سگهي. | | |

## درجو ٽيون: (Grade-III)

| Competency-1<br>مهارت | لکڻ Writing | |
|---|---|---|
| ☜ معيار<br>Standard<br>(ٽئين کان پنجين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. عبارت کي درست صورتخطيءَ ۽ ترتيب سان لکي سگهن. | |
| ☜ مرحليوار حد<br>Benchmarks<br>درجو ٽيون | 1. گهٽ ۾ گهٽ پنج سادا جملا لکي سگهن. | 2. مختصر آکاڻيون ۽ نظم پڙهي، انهن بابت لکي سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات<br>Student Learning Outcomes<br>(SLOs)<br>درجو ٽيون | 1. سنڌي الف - بي جا اکر لکي سگهي.<br>2. سنڌيءَ جي خاص آوازن وارن اکرن کي سڃاڻي، لکي سگهي، جيئن: ٻ - ڄ - ڃ - ڌ - ڳ - ڻ - ڱ وغيره.<br>3. سنڌي ۽ اردوءَ جا ساڳين آوازن وارا مختلف اکر سڃاڻي، لکي سگهي، جيئن ٽ-ٺ-ٻ-ڀ وغيره.<br>4. الف بي جا اکر لکڻ وقت، درست رخ کي خيال ۾ رکندي، خوشخطي لکي سگهي.<br>5. اکرن جي سالم، شروعاتي، وچين ۽ آخري شڪل لکي سگهي.<br>6. لفظن جي صورتخطي لکي سگهي. | 1. آکاڻي پڙهي، شين ۽ ڪردارن جا نالا لکي سگهي.<br>2. آکاڻي پڙهي يا ٻڌي، سادن سوالن جا جواب لکي سگهي.<br>3. تصويري آکاڻيءَ ۾ موجود ڪردارن ۽ شين بابت سادن سوالن جا جواب لکي سگهي.<br>4. نظم پڙهي، هم آواز لفظ ڳولي، لکي سگهي.<br>5. نظم پڙهي، پنهنجي پسند جو شعر لکي سگهي. |

| | | |
|---|---|---|
| | 7. لفظن جا شروعاتي، وچيان يا آخري اکر بدلائي نوان لفظ ٺاهي، لکي سگهي.<br>8. اعراب تبديل ڪري نوان لفظ ٺاهي لکي سگهي.<br>9. بصري لفظ سجاڳي لکي سگهي.<br>10. لفظ ۽ سادا جملا لکي سگهي.<br>11. ٻن يا ٽن پدن وارا لفظ لکي سگهي.<br>12. سادن لفظن کي ٽوڙي - جوڙي، لکي سگهي.<br>13. ٻن پدن وارا لفظ، جملن ۾ ڪم آڻي، لکي سگهي.<br>14. هڪ کان ڏهن تائين ڳڻپ جا انگ، سنڌي ٻوليءَ ۾ لکي سگهي.<br>15. تصويرون ڏسي، انهن ۾ موجود شين جا نالا لکي سگهي.<br>16. پنهنجو نالو ۽ پتو لکي سگهي.<br>17. پنهنجي پسند جي شين بابت ٽن کان پنجن تائين جملا لکي سگهي.<br>18. تصوير ڏسي، ان بابت ڪجهه جملا لکي سگهي.<br>19. بي ترتيب جملن کي درست ترتيب ڏيئي، لکي سگهي. | |

## درجو ٽيون: (Grade-III)

| | |
|---|---|
| Competency-1<br>مهارت | Language Cognition زبان شناسي |
| ☜ معيار<br>Standard<br>(ٽئين ڪان پنجين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. جملن يا عبارت ۾ گرامر جو درست استعمال ڪري سگهن. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ☜ مرحليوار حد<br>Benchmarks<br>درجو ٽيون | 1. سادن جملن ۾ زمانن ڪي سڃاڻي، استعمال ڪري سگهن. | 2. سادن جملن ۾ بيهڪ جي نشانين ۽ اعرابن ڪي سڃاڻي، استعمال ڪري سگهن. | 3. مذڪر-مونث، واحد-جمع ۽ لفظن جي ضدن ڪي سمجهي سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات<br>Student Learning Outcomes (SLOs)<br>درجو ٽيون | 1.'آهي، هو، آهيان، آهيون، آهن وغيره' ۾ فرق ڄاڻي سگهي.<br>2.عددي رڌا (هڪ، ٻہ، ٽي ۽ پهريون، ٻيون، ٽيون وغيره) جو فرق سمجهي سگهي.<br>3.'منهنجو، تنهنجو ۽ اسان جو' ۾ فرق ڄاڻي سگهي.<br>4.'جو، جا، جي، ۾، تي، کي وغيره' کي ڄاڻي سگهي. | 1. صورتخطيءَ ۾ اعرابن کي سمجهي، سڃاڻي سگهي.<br>2. اعرابن (زبر، زير ۽ پيش) کي سڃاڻي، استعمال ڪري سگهي.<br>3. بيهڪ جي نشانين (پورو دم ۽ سوال جي نشاني) کي استعمال ڪري سگهي. | 1. لفظن جي واحد ۽ جمع صورتن ۾ فرق ڄاڻي سگهي.<br>2. لفظن جي واحد صورتن مان جمع صورتون ٺاهي سگهي.<br>3. لفظن ۾ مذڪر ۽ مؤنث صورتن ۾ فرق ڄاڻي سگهي.<br>4. لفظن جي مذڪر صورتن مان مؤنث صورتون ٺاهي سگهي.<br>5. ابتڙ (متضاد) لفظن بابت ڄاڻي سگهي.<br>6. هم آواز لفظ لکي سگهي. |

## درجو چوٿون: (Grade-IV)

| Competency-1<br>مهارت | Listening ٻڌڻ | | |
|---|---|---|---|
| معيار<br>Standards<br>(ٽئين کان پنجين درجي تائين) ☜ | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. روز مره جي ڳالھ ٻولھ ۾ استعمال ٿيندڙ گھٽ ۾ گھٽ ٽي هزار پنج سَو (3500) لفظ، سادن جملن ۾ ٻُڌي، سمجھي سگھن.<br>2. سنڌيءَ ۾ ڪوبہ متن ٻُڌي، اُن جي اهم نُڪتن جو ادراڪ ڪري سگھن. | | |
| مرحليوار حد<br>Benchmarks<br>درجو چوٿون ☜ | 1. گھٽ ۾ گھٽ بہ هزار پنج سَو ( 2500 ) بنيادي لفظ ٻُڌي، انهن جي معنىٰ سمجھي سگھن. | 2. گھر ۽ اسڪول ۾ روزانو استعمال ٿيندڙ جملا ٻُڌي، سمجھي سگھن. | 3. آکاڻيون ، واقعا، نظم وغيره ٻڌي، سمجھي سگھن. |
| سکيا جي حاصلات<br>Student Learning Outcomes<br>(SLOs)<br>درجو چوٿون ☜ | 1. سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي درست آواز ۽ اچارن کي ٻڌي، انهن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگھي.<br>2. ٽن يا ٽن کان وڌيڪ پدن وارا لفظ ٻڌي، سمجھي سگھي.<br>3. ٽن يا ٽن کان وڌيڪ پدن وارن لفظن کي ٻڌي، ٽوڙي ۽ جوڙي، سمجھي سگھي.<br>4. مختلف اکرن جا هڪجهڙا آواز ٻڌي، لفظن ۾ انهن جو فرق سمجھي سگھي. | 1. گھر ۽ اسڪول ۾ هاڪاري، ناڪاري ۽ سوالي جملن کي ٻڌي، سمجھي سگھي.<br>2. پنهنجي اسڪول ۽ گھر بابت سوال ٻڌي، جواب ڏئي سگھي.<br>3. هدايتون ٻڌي، سمجھي سگھي.<br>4. ڳالھ ٻولھ ٻڌي، ان تي پنهنجي رَدعمل جو اظهار ڪري سگھي. | 1. آکاڻيون ۽ مختصر واقعا، ٻڌي، خاص رَدعمل جو اظهار ڪري سگھي.<br>2. نظم، سر ۽ لئہ سان ٻڌي، لطف حاصل ڪري سگھي.<br>3. لطيفا ۽ ٽوٽڪا ٻڌي، سمجھي سگھي.<br>4. آکاڻي ٻڌي، ان جي ڪردارن بابت ٻڌائي سگھي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | 5. بصري لفظ ٻڌي، انھن جو استعمال ڪري سگھي.<br>6. نوان لفظ ڌيان سان ٻڌي، سمجھي سگھي.<br>7. سادا ۽ مرڪب جملا ٻڌي، سمجھي سگھي.<br>8. ڪنھن بہ موضوع بابت گفتگو ٻڌي، جملن جي تسلسل يا ڳانڍاپي کي سمجھي سگھي. | 5. سُٺ سماءَ جي ذريعن ( ريڊيو، ٽي وي ۽ انٽر نيٽ وغيره) تي پنھنجي پسند جا پروگرام ڏسي ٻڌي، سمجھي سگھي. | 5. آکاڻي ٻڌي، گھٽ ۾ گھٽ پنجن مان چئن سوالن جا جواب ڏئي سگھي.<br>6. آکاڻي يا ھدايتون، ڌيان سان ٻڌي، انھن کي درست ترتيب سان ٻڌائي سگھي.<br>7. آکاڻي ڌيان سان ٻڌي، نتيجي جي اڳڪٿي ڪري سگھي.<br>8. پروليون ۽ ڳجھارتون ٻڌي، انھن جي ڀيڃٽي ٻڌائي سگھي. |

## درجو چوٿون: (Grade-IV)

| Competency-1<br>مهارت | ڳالهائڻ Speaking | | |
|---|---|---|---|
| معيار<br>Standards<br>(ٿئين کان پنجين درجي تائين) ☜ | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته :<br>1. روز مره جي ڳالھ ٻولھ ۾ استعمال ٿيندڙ گهٽ ۾ گهٽ ٽي هزار پنج سَو (3500) لفظ سادن جملن ۾ ڏيئي، درست اچاري سگهن.<br>2. سنڌيءَ ۾ ڪوبہ متن ٻُڌي، ان جي اهم نڪتن کي بيان ڪري سگهن. | | |
| مرحليوار حد<br>Benchmarks<br>درجو چوٿون ☜ | 1. گهٽ ۾ گهٽ بنيادي ٻہ هزار پنج سَو (2500) لفظ ڳالهائي سگهن. | 2. گھر ۽ اسڪول ۾ استعمال ٿيندڙ روزمرھ جا جملا ٻڌي، ڳالهائي سگهن. | 3. آکاڻيون، نظم ۽ ننڍا واقعا ٻڌي، انهن کي پنهنجن لفظن ۾ ٻڌائي سگهن. |
| سکيا جي حاصلات<br>Student Learning Outcomes<br>(SLOs)<br>درجو چوٿون ☜ | 1. سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي درست آوازن ۽ اچارن کي ادا ڪري سگهي.<br>2. ٽن يا ٽن کان وڌيڪ پدن وارا لفظ ڳالهائي سگهي.<br>3. ٽن يا ٽن کان وڌيڪ پدن وارن لفظن کي ٽوڙي ۽ جوڙي ٻڌائي سگهي.<br>4. سادن جملن واري گفتگو ڪري سگهي.<br>5. ڳالھ ٻولھ ۾ بصري لفظ استعمال ڪري سگهي. | 1. ڳالهائڻ ۾ هاڪاري، ناڪاري ۽ سوالي جملن کي استعمال ڪري سگهي.<br>2. گھر ۽ اسڪول مان مليل هدايتن کي بيان ڪري سگهي.<br>3. پنهنجي گهرياتين ۽ انهن جي ڪمن بابت ٻڌائي سگهي.<br>4. ڪنهن بہ تفصيلي ڳالھ ٻولھ تي پنهنجي ردِعمل جو اظهار ڪري سگهي. | 1. آکاڻيون ٻڌي، پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪري سگهي.<br>2. نظم، سُر ۽ لئہ سان ٻڌائي سگهي .<br>3. لطيفا، شعر ۽ پروليون ٻڌائي سگهي.<br>4. آکاڻي ٻڌي، گهٽ ۾ گهٽ پنجن مان چئن سوالن جا جواب ڏئي سگهي.<br>5. ڪنهن بہ واقعي بابت ٽن کان پنجن جملن ۾ پنهنجي رد عمل جو اظهار ڪري سگهي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | 6. هم آواز لفظ درست اچار سان ادا ڪري سگهي.<br>7. لفظن جا شروعاتي، وچيان ۽ آخري آواز تبديل ڪري، نوان لفظ ناهي، ٻڌائي سگهي.<br>8. خاص سنڌي آوازن وارن اکرن ڪي لفظن ۾ درست اچاري سگهي.<br>9. پنهنجي پسند جي راند يا ڪنهن موضوع بابت گهٽ ۾ گهٽ پنج جملا رواني سان مناسب لهجي ۾ ڳالهائي سگهي. | 5. پنهنجي روزانو مشغولين بابت ٻڌائي سگهي.<br>6. عبارت پڙهي، ان بابت سوالن جا جواب ڏئي سگهي.<br>7. تصويرون ۽ شيون ڏسي، گهٽ ۾ گهٽ پنجن کان ستن جملن ۾ پنهنجي راءِ ڏئي سگهي. | 6. ڪا تصوير، تقريب يا نمائش ڏسي، ان تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.<br>7. آکاڻي ٻڌي، ان جو نتيجو ٻڌائي سگهي.<br>8. عام ڪردارن تي مشتمل سادا مڪالما ادا ڪري سگهي.<br>9. پنهنجي پسند جي موضوع تي مناسب آواز، تاثرات ۽ درست لهجي سان پنجن کان ست جملا ڳالهائي سگهي.<br>10. پنهنجي پسند جي ڪنهن پکي، جانور، شيءِ يا راند بابت ٻڌائي سگهي.<br>11. ابلاغ جي ذريعن ۾ ٻارن جي پروگرامن، اخبارن ۽ رسالن بابت پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.<br>12. ٻاراڻن ادبي پروگرامن ۾ حصو وٺي سگهي. |

## درجو چوٿون: (Grade-IV)

| Competency-1<br>مهارت | Reading پڙهڻ | |
|---|---|---|
| ☜ معيار<br>Standards<br>(ٽئين کان پنجين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. سادي عبارت کي درست اچار، ادائگيءَ ۽ رواني‌ءَ سان پڙهي، سمجهي سگهن.<br>2. خاموش يا بلند آواز سان پڙهي، مطالعي جي عادت پيدا ڪري سگهن. | |
| ☜ مرحليوار حد<br>Benchmarks<br>درجو چوٿون | 1. عبارت (نظم ۽ نثر) کي درست اُچار ۽ رواني‌ءَ سان پڙهي، سمجهي سگهن. | 2. نظم، آکاڻيون، پيغام ۽ هدايتون وغيره پڙهي، سمجهي سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات<br>Student Learning Outcomes (SLOs)<br>درجو چوٿون | 1. چئن کان پنجن پدن وارا لفظ سمجهي، پڙهي سگهي.<br>2. ڏهن کان پندرهن جملن واري سادي عبارت پڙهي، سمجهي سگهي.<br>3. هڪ منٽ ۾ 60 لفظ درست اچارن سان پڙهي سگهي.<br>4. نظم ۽ نثر ۾ فرق سمجهي، پڙهي سگهي.<br>5. عبارت پڙهي پنجن مان چئن سوالن جا جواب ڏئي سگهي.<br>6. مختصر آکاڻي ۽ نظم درست اچارن ۽ لهجي سان پڙهي سگهي. | 1. لائبريريءَ ۾ موجود آکاڻين ۽ نظمن جا ڪتاب پڙهي سگهي.<br>2. آکاڻي پڙهي، واقعن جي روشنيءَ ۾ ڪردارنگاري ڪري سگهي.<br>3. عوامي جڳهين، روڊن، رستن تي ڏنل هدايتون پڙهي، سمجهي سگهي.<br>4. ٻاراڻا نظم سر ۽ لئه سان پڙهي، لطف حاصل ڪري سگهي.<br>5. سادا نظم پڙهي، سوالن جا جواب ڏئي سگهي.<br>6. سنڌيءَ ۾ لکيل ڪنهن به پيغام کي پڙهي، سمجهي سگهي.<br>7. گهٽ ۾ گهٽ ڏهن جملن جي لکيل آکاڻي سمجهي، بلند آواز سان پڙهي سگهي. |

| | | |
|---|---|---|
| 8. آڪاٽي/ مڪالمي ڪي ان جي جزن جي حوالي سان پڙهي، سمجهي سگهي.<br>9. ٽي وي، موبائيل ۽ ڪمپيوٽر تي سنڌيءَ ۾ سادا جملا پڙهي سگهي.<br>10. اخبارن جون سُرخيون ۽ باراڻا رسالا پڙهي سگهي. | 7. مختصر آڪاٽي ۽ نظم درست ترتيب ۽ رَوانيءَ سان پڙهي سگهي.<br>8. ننڍن سُرن ۽ وڏن سُرن سان نهندڙ لفظ درست اُچار سان پڙهي سگهي.<br>9. اعرابن (زير، زبر ۽ پيش) کي تبديل ڪري، نوان لفظ ناهي، پڙهي سگهي.<br>10. ڪتاب جي ليکڪ/ شاعر ۽ مصور جو نالو پڙهي، ٻڌائي سگهي. | |

## درجو چوٿون: (Grade-IV)

| Competency-1<br>مهارت | Writing لکڻ | |
|---|---|---|
| معيار ☜<br>Standard<br>(ٽئين کان پنجين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. عبارت کي درست صورتخطيءَ ۽ ترتيب سان لکي سگهن. | |
| مرحليوار حد ☜<br>Benchmarks<br>درجو چوٿون | 1. ڪنهن به ڏنل عنوان تي گهٽ ۾ گهٽ اٺ سادا جملا لکي سگهن. | 2. مختصر آکاڻين ۽ نظمن بابت لکي سگهن. |
| سکيا جي حاصلات ☜<br>Student Learning Outcomes (SLOs)<br>درجو چوٿون | 1. سادن جملن کي اتاري، درست صورتخطي لکي سگهي.<br>2. تصوير ڏسي، ان بابت سادن سوالن جا جواب لکي سگهي.<br>3. پنهنجي گهر ۽ اسڪول جو ڏس پتو لکي سگهي.<br>4. لفظن جي زباني صورتخطي لکي سگهي.<br>5. ٽن يا ان کان وڌيڪ پدن وارا لفظ، جملن ۾ ڪم آڻي، لکي سگهي.<br>6. سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ کان سَتِ تائين ڳڻپ جي انگن کي لفظن ۾ لکي سگهي. | 1. آکاڻي پڙهي يا ٻڌي، ان بابت سوالن جا جواب لکي سگهي.<br>2. واقعا ٻڌي، سادن سوالن جا جواب لکي سگهي.<br>3. نظم پڙهي يا ٻڌي، ان بابت سوالن جا جواب لکي سگهي.<br>4. ڪردارن ۽ شين بابت سوالن جا جواب لکي سگهي.<br>5. مختصر آکاڻي يا نظم پڙهي، ان تي ٻن يا ٽن جملن ۾ پنهنجي راءِ لکي سگهي.<br>6. وڻن، ميون، گلن، جانورن ۽ پکين جي تصويرن کي ڏسي، انهن جا نالا لکي سگهي.<br>7. متن مان تفهيمي سوالن جا جواب لکي سگهي.<br>8. تصويرون ڏسي آکاڻي لکي سگهي. |

| | | |
|---|---|---|
| | 7. پنهنجي گهر ۽ اسڪول بابت پنج ڪان اٺ سادا جملا لکي سگهي.<br>8. بصري لفظ سڃاڻي، لکي سگهي.<br>9. مختصر مرڪب جملا لکي سگهي.<br>10. نثر ۽ نظم کي خوشخطيءَ ۾ لکي سگهي.<br>11. ڪاپي، تختي يا سليٽ تي لکڻ جي مشق ڪري سگهي.<br>12. پنهنجي پسند جي ڪنهن بہ شيءِ، جاءِ، راند وغيره بابت پنج ڪان اٺ سادا جملا لکي سگهي.<br>13. تصوير ڏسي، ان بابت پنج جملا لکي سگهي. | 9. نظم پڙهي، هم آواز لفظ چونڊي لکي سگهي.<br>10. نظم پڙهي، پنهنجي پسند جي شعر جي سمجهاڻي لکي سگهي.<br>11. نظم پڙهي، ان جو مرڪزي خيال لکي سگهي.<br>12. ڏنل لفظن جي مدد سان آکاڻي لکي سگهي.<br>13. آکاڻي پڙهي، ان جو عنوان لکي سگهي. |

## درجو چوٿون: (Grade-IV)

| | | | |
|---|---|---|---|
| Competency-1<br>**مهارت** | **زبان شناسي** Language Cognition | | |
| ☜ **معيار**<br>Standard<br>**(ٽئين کان پنجين درجي تائين)** | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. جملن يا عبارت ۾ گرامر جو درست استعمال ڪري سگهن. | | |
| ☜ **مرحليوار حد**<br>Benchmarks<br>**درجو چوٿون** | 1. زمان (حال، ماضي ۽ مستقبل) جو خيال رکندي، سادا جملا ناهي سگهن. | 2. سادن جملن ۾ اعرابن ۽ بيهڪ جي نشانين جو استعمال ڪري سگهن. | 4. مذڪر-مؤنث ۽ واحد-جمع، ضد ۽ هم آواز لفظ سمجهي سگهن. |
| ☜ **سکيا جي حاصلات**<br>Student Learning Outcomes<br>(SLOs)<br>**درجو چوٿون** | 1. زمان حال، ماضي ۽ مستقبل جي جملن ۾ فرق ڄاڻي سگهي .<br>2. زمان حال جي جملن کي زمان ماضيءَ جي جملن ۾ بدلائي سگهي.<br>3. زمان ماضيءَ جي جملن کي زمان حال جي جملن ۾ بدلائي سگهي.<br>4. ڳالهائڻ وقت جملن ۾ (آهي، هو، آهن، آهيان، ٿو، ٿي، ٿا وغيره) جو استعمال ڪري سگهي. | 1. سادو جملو لکڻ وقت بيهڪ جي نشانين (پورو دم، ٿورو دم ۽ سوال جي نشاني) جو درست استعمال ڪري سگهي.<br>2. اعرابن (زبر، زير ۽ پيش) جو درست استعمال ڪري سگهي.<br>3. ترتيب موجب صحيح ۽ غلط جملن ۾ فرق ڄاڻي سگهي.<br>4. جملي ۾ فعل، فاعل ۽ مفعول کي سڃاڻي سگهي. | 1. جملي ۾ واحد ۽ جمع لفظن کي سڃاڻي سگهي.<br>2. جملن ۾ واحد ۽ جمع جو درست استعمال ڪري سگهي.<br>3. لفظن جون واحد ۽ جمع صورتون ناهي سگهي.<br>4. جملي ۾ مذڪر ۽ مؤنث لفظن کي سڃاڻي سگهي.<br>5. جملن ۾ مذڪر ۽ مؤنث جو درست استعمال ڪري سگهي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | 5. بي ترتيب لفظن کي ترتيب ڏئي، جملا ٺاهي سگهي.<br>6. هاڪاري-ناڪاري ۽ سوالي- بياني جملا ٺاهي، لکي سگهي.<br>7. ڳالهائڻ يا لکڻ وقت 'تي، ۾، کي، کان، مان، سان وغيره' جو مناسب استعمال ڪري سگهي.<br>8. عددي رتا پَنجون، پنجين، پنجِين وغيره جو فرق سمجهي سگهي.<br>9. لفظن جو جملن ۾ درست استعمال ڪري سگهي.<br>10.ضمير جي استعمال بابت ڄاڻي سگهي.<br>11.فعل جي مختلف صورتن جي فرق کي سمجهي سگهي. | | 6. مذڪر جا مؤنث ۽ مؤنث جا مذڪر لفظ ٻڌائي ۽ لکي سگهي.<br>7. لفظن جا ضد ٺاهي سگهي.<br>8. هم آواز لفظ ٺاهي سگهي. |

## درجو پنجون: (Grade-V)

| مهارت Competency-1 | ٻُڌڻ Listening | | |
|---|---|---|---|
| معيار Standards (ٿئين کان پنجين درجي تائين) ☜ | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. روز مره جي ڳالهه ٻولهه ۾ استعمال ٿيندڙ گهٽ ۾ گهٽ ٽي هزار پنج سَو (3500) لفظ، سادن جملن ۾ ٻُڌي، سمجهي سگهن.<br>2. سنڌيءَ ۾ ڪوبه متن ٻُڌي، اُن جي اهم نُڪتن جو ادراڪ ڪري سگهن. | | |
| مرحليوار حد Benchmarks درجو پنجون ☜ | 1. گهٽ ۾ گهٽ بنيادي ٽي هزار پنج سَو (3500) لفظ ٻڌي، انهن جي معنیٰ سمجهي سگهن. | 2. گهر، اسڪول ۽ آسپاس ۾ استعمال ٿيندڙ روز مره جا جملا ٻڌي، سمجهي سگهن. | 3. آکاڻيون، واقعا، تقريرون ۽ نظم وغيره ٻڌي، سمجهي سگهن. |
| سکيا جي حاصلات ☜ Student Learning Outcomes (SLOs) درجو پنجون | 1. چئِن يا چئن کان وڌيڪ پدن وارا لفظ ٻڌي، سمجهي سگهي.<br>2. چئِن يا چئن کان وڌيڪ پدن وارا لفظ ٻڌي، ٽوڙي - جوڙي سمجهي سگهي.<br>3. عبارت ۾ آيل نوان لفظ ٻُڌي، سمجهي سگهي.<br>4. ڪا به ڳالهه ٻڌي، سمجهي، ان بابت سوالن جا جواب ڏئي سگهي. | 1. گهر، اسڪول ۽ آسپاس ۾ ٿيندڙ گفتگو ٻڌي، انهن جي اهم نڪتن ۽ نتيجن کان واقف ٿي سگهي.<br>2. هاڪاري، ناڪاري، سوالي ۽ عجب وارن جملن کي ٻڌي، سمجهي سگهي.<br>3. هم نصابي سرگرمين (بيت بازي، ڊرامو، تقرير، موسيقي وغيره) ۾ حصو وٺي سگهي. | 1. نظم، سُر ۽ لئہ سان ٻڌي، لطف حاصل ڪري ۽ ان جو اظهار ڪري سگهي.<br>2. لطيفا، ٽوٽڪا ۽ چوڻيون ٻڌي، انهن جو مطلب سمجهي سگهي .<br>3. آکاڻيون، واقعا ۽ مڪالما وغيره ٻڌي، انهن جي خاص نڪتن کي سمجهي سگهي. |


اداره نصاب، جائزو ۽ تحقيق، سنڌ، ڄامشورو- اسڪولن جي تعليم ۽ خواندگيءَ جو کاتو، حڪومت سنڌ

| | | | |
|---|---|---|---|
| | 5. عبارت ڌيان سان پڙهي، بيهڪ جي نشانين کي سڃاڻي سگهي.<br>6. ابلاغ جي ذريعن، ريڊيو ۽ ٽي وي يا انٽرنيٽ، ڪمپيوٽر ۽ موبائيل وغيره تان پنهنجي پسند جا پروگرام ڏسي، ٻُڌي، سمجهي سگهي. | | 4. آکاڻيون، واقعا، مڪالما ٻُڌي، گهٽ ۾ گهٽ پنجن سوالن جا جواب ڏئي سگهي .<br>5. نظم ۽ ٻاراڻا پروگرام، ريڊيو، ٽي-وي، انٽر نيٽ ۽ موبائيل وغيره تان ڏسي، پڙهي سمجهي سگهي.<br>6. نظم پڙهي، شعرن جي سمجهاڻي ڏيئي سگهي. |

## درجو پنجون: (Grade-V)

| Competency-1<br>مهارت | گالهائڻ Speaking | | |
|---|---|---|---|
| ☜ معيار<br>Standards<br>(ٿئين کان پنجين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن تہ :<br>1. روز مره جي ڳالهہ ٻولهہ ۾ استعمال ٿيندڙ گهٽ ۾ گهٽ ٽي هزار پنج سَو (3500) لفظ سادن جملن ۾ ٻڌي، درست اچاري سگهن.<br>2. سنڌيءَ ۾ ڪوبہ متن ٻُڌي، ان جي اهم نڪتن کي بيان ڪري سگهن. | | |
| ☜ مرحليوار حد<br>Benchmarks<br>درجو پنجون | 1. گهٽ ۾ گهٽ بنيادي ٽي هزار پنج سَو (3500) لفظ ڳالهائي سگهن. | 2. گهر، اسڪول ۽ آسپاس ۾ استعمال ٿيندڙ روز مره جا جملا درست نموني ڳالهائي سگهن. | 3. آکاڻين، واقعن، تقريرن، نظمن وغيره جي مفهوم کي پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪري سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات<br>Student Learning Outcomes<br>(SLOs)<br>درجو پنجون | 1. چئن يا چئن کان وڌيڪ پدن وارا لفظ ٻڌائي سگهي.<br>2. چئن يا چئن کان وڌيڪ پدن وارن لفظن کي ٽوڙي - جوڙي، ٻڌائي سگهي.<br>3. عبارت ۾ آيل نون لفظن کي ٻڌي، درست اچاري سگهي.<br>4. ڪابہ ڳالهہ ٻڌي، ان جو تجزيو ڪري سگهي ۽ ان بابت سوالن جا جواب ڏئي سگهي. | 1. گهر، اسڪول ۽ آسپاس ۾ ٿيندڙ گفتگو ٻڌي، سمجهي ان بابت ڳالهائي سگهي.<br>2. ها ڪاري، ناڪاري، سوالي ۽ عجب وارا جملا ڳالهائي سگهي.<br>3. هم نصابي سرگرمين (بيت بازي، ڊرامي، تقرير، موسيقي، وغيره) ۾ حصو وٺي سگهي.<br>4. گهر ۽ اسڪول ۾ پنهنجن ضرورتن ۽ معاملن بابت گفتگو ڪري سگهي. | 1. نظم، سُر ۽ لئہ سان ٻڌائي سگهي.<br>2. نظم ٻڌي، شعرن جي سمجهاڻي، ٻڌائي سگهي.<br>3. لطيفا، ٽوٽڪا ۽ پروليون ٻڌي، انهن جو مطلب بيان ڪري سگهي.<br>4. آکاڻيون ۽ واقعا ٻڌي، ورجائي سگهي.<br>5. آکاڻيون، واقعا ۽ مڪالما ٻڌي، ادا ڪري سگهي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | 5. تصوير يا ڪو منظر ڏسي، ان بابت ٻڌائي سگهي.<br>6. مرڪب جملا رواني؍ سان ورجائي سگهي.<br>7. موسم بابت ڳالهه ٻولهه ڪري سگهي.<br>8. پنهنجي ماحول بابت ڪنهن بہ موضوع تي گهٽ ۾ گهٽ هڪ منٽ تائين تقرير ڪري سگهي.<br>9. روزاني ڳالهه ٻولهه ۾ حصو وٺي، ان تي پنهنجي راءِ ڏئي سگهي.<br>10. تعليمي ۽ تفريحي سير جي مشاهدي کي بيان ڪري سگهي. | 5. روزمره جي زندگي ( گهر، اسڪول، مسجد، مندر، چرچ ۽ گردوارو) ۾ نظم وضبط جو مظاهرو ڪري ۽ ان جي اهميت ٻڌائي سگهي.<br>6. گفتگو؍ ۾ پنهنجي موقف کي بيان ڪري سگهي | 6. آڪاٽي؍ جي ڪردارن بابت پسند يا ناپسند متعلق ٻڌائي سگهي.<br>7. سادن جملن تي مشتمل تقرير ڪندي جسماني چرپر ۽ تاثرات سان تقرير کي اثرائتو بڻائي سگهي.<br>8. ماحولياتي موضوع تي رواني؍ سان ڳالهائي سگهي. |

## درجو پنجون: (Grade-V)

| Competency-1<br>مهارت | پڙهڻ Reading | |
|---|---|---|
| معيار ☜<br>Standards<br>(ٽئين کان پنجين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. سادي عبارت کي درست اچار، ادائگي ۽ رواني؁ سان پڙهي، سمجهي سگهن.<br>2. خاموش يا بلند آواز سان پڙهي، مطالعي جي عادت پيدا ڪري سگهن. | |
| مرحليوار حد ☜<br>Benchmarks<br>درجو پنجون | 1. عبارت (نظم ۽ نثر) کي درست اُچار ۽ رواني؁ سان پڙهي، سمجهي سگهن. | 2. نظم، آکاڻيون، پيغام ۽ هدايتون وغيره پڙهي، سمجهي سگهن. |
| سکيا جي حاصلات ☜<br>Student Learning Outcomes (SLOs)<br>درجو پنجون | 1. متن کي درست اُچارن سان پڙهي، سمجهي سگهي.<br>2. نظم ۽ نثر پڙهي، سوالن جا درست جواب ڏئي سگهي.<br>3. نظم ۽ نثر ۾ فرق سمجهي، درست ادائگي؁ سان پڙهي سگهي.<br>4. بصري لفظ رواني؁ سان پڙهي سگهي .<br>5. سنڌي؁ ۾ لکيل سادا پيغام ۽ هدايتون سمجهي رواني؁ سان پڙهي سگهي.<br>6. مختلف جملن کي درست اچار ۽ رواني؁ سان پڙهي سگهي. | 1. آکاڻي يا واقعو پڙهي، سمجهي، ان جو نتيجو ڪڍي سگهي.<br>2. مڪالمن کي تاثرات ۽ درست ادائگي؁ سان پڙهي سگهي.<br>3. نظم، سر ۽ لئه سان پڙهي، لطف حاصل ڪري سگهي.<br>4. پنهنجي پسند جون آکاڻيون، نظم، چوٽيون ۽ لطيفا پڙهي، تفهيمي سوالن جا درست جواب ڏئي سگهي.<br>5. انٽرنيٽ ۽ ڪمپيوٽر تان سنڌي؁ ۾ لکيل مواد / متن پڙهي، سمجهي سگهي<br>6. سنڌي؁ ۾ لکيل سادا پيغام ۽ هدايتون سمجهي، رواني؁ سان پڙهي سگهي. |

| | | |
|---|---|---|
| | 7. هڪ منٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 60 لفظ دُرست ادائگي ۽ اُچار سان پڙهي سگهي.<br>8. عبارت پڙهي، پنجن مان چئن سوالن جا جواب ڏئي سگهي.<br>9. عبارت ۾ ڪم آندل نون لفظن جي درست معنيٰ لغت مان ڳولي پڙهي سگهي.<br>10. آکاڻي ۽ نظم درست ترتيب ۽ رواني سان پڙهي سمجهي سگهي. | |

## درجو پنجون: (Grade-V)

| مهارت Competency-1 | لکڻ Writing | |
|---|---|---|
| معيار Standard (ٽئين کان پنجين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. عبارت کي درست صورتخطيءَ ۽ ترتيب سان لکي سگهن. | |
| مرحليوار حد Benchmarks درجو پنجون | 1. پنهنجي آسپاس جي ماحول بابت ڪنهن به موضوع تي گهٽ ۾ گهٽ ڏهه سادا جملا درست لکي سگهن. | 1. پنهجي خيالن کي درست ترتيب ۽ تسلسل سان لکي سگهن. |
| سکيا جي حاصلات Student Learning Outcomes (SLOs) درجو پنجون | 1. ڪنهن به عنوان ( گهر، اسڪول، دوست، منهنجا والدين وغيره) تي ڏهه سادا ۽ مربوط جملا لکي سگهي.<br>2. عبارت، آکاڻي ، واقعو يا نظم ٻڌي يا پڙهي، ان بابت سوالن جا جواب لکي سگهي.<br>3. درجي موجب درست صورتخطي لکي سگهي.<br>4. سوَ تائين ڳڻپ جا انگ سنڌي لفظن ۾ لکي سگهي.<br>5. عددن جي ترتيب کي سمجهي، لکي سگهي. (مثال طور: ستون، ستين، سِتين، انون، انين، اِنين وغيره.)<br>6. درخواستون ۽ خط لکي سگهي. | 1. نظم مان ڪنهن به شعر جو مفهوم لکي سگهي.<br>2. تصوير/ تصويري آکاڻي ڏسي، ان بابت پڇيل سوالن جا جواب لکي سگهي.<br>3. بي ترتيب جملن کي درست ترتيب سان لکي سگهي.<br>4. ڪوبه منظر ڏسي، ان بابت لکي سگهي.<br>5. سبق پڙهي، ان جو خلاصو لکي سگهي.<br>6. نظم کي نثر ۾ لکي سگهي.<br>7. ٽي وي، موبائيل ۽ ڪمپيوٽر تي پنهنجي پسند جو پروگرام ڏسي، ٻڌي، پنهنجي راءِ لکي سگهي.<br>8. آکاڻي درست ترتيب سان لکي سگهي. |

| | | |
|---|---|---|
| | 7. عام ڪردارن تي ٻڌل، سادا مڪالما لکي سگهي.<br>8. روز مره جي ڪاروهنوار ۾ ڪم ايندڙ شين جا نالا لکي سگهي.<br>9. ڪنهن بہ عنوان تي مضمون لکي سگهي.<br>10.عبارت ۾ بيهڪ جي نشانين جو درست استعمال ڪري سگهي. | |

## درجو پنجون: (Grade-V)

| Competency-1<br>مهارت | زبان شناسي Language Cognition | | |
|---|---|---|---|
| ☜ معيار<br>Standard<br>(ٽئين ڪان پنجين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. جملن يا عبارت ۾ گرامر جو درست استعمال ڪري سگهن. | | |
| ☜ مرحليوار حد<br>Benchmarks<br>درجو پنجون | 1. زمان (حال، ماضي ۽ مستقبل) جو خيال رکندي، سادا جملا ناهي سگهن. | 2. بيهڪ جي نشانين کي سمجهي انهن جو درست استعمال ڪري سگهن. | 3. مذڪر- مؤنث، واحد - جمع ، هم معنىٰ لفظ ۽ ضد ناهي، لفظن جي ذخيري جو درست استعمال ڪري سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات<br>Student Learning Outcomes<br>(SLOs)<br>درجو پنجون | 1. 'آهي'، 'هو' ۽ 'ٿيندو' جو درست استعمال ڪري سگهي.<br>2. جملي ۾ زمان حال، ماضي ۽ مستقبل جي استعمال کي سمجهي سگهي.<br>3. سوالي جملن کي هاڪاري ۽ ناڪاري جملن ۾ بدلائي سگهي.<br>4. اسم، ضمير، صفت ۽ فعل جي مفهوم کي ڄاڻي سگهي. | 1. سادو جملو لکڻ وقت پورو دم، ٿورو دم ۽ سوال جي نشانيءَ جو درست استعمال ڪري سگهي.<br>2. عبارت ۾ مناسب لفظن کي مناسب بيهڪ جون نشانيون ڏئي سگهي.<br>3. عبارت ۾ بيهڪ جي نشانين کي سڃاڻي سگهي. | 1. عددي رتا موجب، هڪ - ٻہ - ٽي ۽ پهريون - ٻيو- ٽيون جو فرق سمجهي سگهي.<br>2. واحد لفظن مان جمع ۽ جمع لفظن مان واحد ناهي سگهي.<br>3. مذڪر لفظن جا مؤنث ۽ مؤنث لفظن جا مذڪر ناهي سگهي.<br>4. اڳياڙيءَ ۽ پڇاڙيءَ وارا لفظ ملائي، نوان لفظ ناهي سگهي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | 5. جملن مان فاعل، فعل ۽ مفعول کي سڃاڻي سگهي.<br>6. اسم، ضمير، صفت ۽ فعل وارن لفظن کي پنهنجي تحرير ۾ درست استعمال ڪري، لکي سگهي.<br>7. ’آءٌ‘، ’مان‘، ’اسين‘، ’اسان‘، ’تون‘، ’توهان‘، ’اوهين‘، ’اوهان‘، ’هو‘، ’هوءَ‘ ۽ ’اُهي‘ وغيره لفظن جي مفهوم کي سمجهي، استعمال ڪري سگهي. | | 5. جملي ۾ ڪم آندل هم معنيٰ لفظ سڃاڻي سگهي.<br>6. لفظن جا ضد ٺاهي سگهي.<br>7. اسمن مان صفتون ۽ صفتن مان اسم ٺاهي سگهي.<br>8. امر مان مصدر ٺاهي سگهي. |

# آسان سنڌي ٽئين ڪان پنجين ڪلاس لاءِ تجويز ڪيل موضوع ۽ عنوان

## آسان سنڌي ٽئين ڪلاس لاءِ تجويز ڪيل موضوع/ عنوان

**(الف):**

- سنڌي الف - بي جي مڪمل پٽي.
- الف - بي جي، آوازن، اکرن جي شڪلين ۽ نالن جي سڃاڻپ.
- اعرابون ( زير، زبر، پيش،) ۽ حرف علت (ا، و، ي) جي مدد سان ٻن، ٽن ۽ چئن پدن وارا لفظ ناهڻ.
- الف-بي جي لفظن ۽ پدن کي جوڙڻ ۽ ٽوڙڻ.
- سنڌي ۽ اردوءَ جا هڪجهڙا اکر جيڪي اُچار ۽ صورت ۾ ساڳيا هجن.
- سنڌي ۽ اردوءَ ۾ ساڳين اُچارن وارا پر مختلف صورتن وارا اکر ( ث / ٽ/ ع / ڙ/ ڙ، وغيره)
- سنڌي ۽ اردوءَ ۾ ساڳين اُچارن وارا مخلوط صورت وارا اکر( ڀ / ڀ / ٿ /ٿ/ وغيره)
- سنڌي ٻوليءَ جا خاص آوازن وارا اکر (ٻ ، ڏ، ڄ، ڃ، ڳ، ڱ، ڻ)
- ٻه اکري، ٽي اکري ۽ چار اکري لفظ.
- سادا جملا ۽ پيراگراف.

**(ب):**

| |
|---|
| **نوٽ:** هن درجي ۾ سنڌي قاعدي سان گڏ ٻارن جي ذهني سطح موجب نثر جا اَٺ سبق ۽ پنج نظم شامل ڪيا وڃن. جن جا موضوع/ عنوان هيٺ ڏنل تجويز ڪجن ٿا: انهن سبقن ۾ آڪاٽيءَ وارو هڪڙو سبق به شامل ڪيو وڃي. |

## تجويز ڪيل موضوع/ عنوان

| نثر | نظم |
|---|---|
| منهنجو تعارف | ڏاٽي سڳورو (حمد) |
| سيرةُالنّبي صَلّي الله عَلَيہِ وَعَلیٰ آلِہٖ وَاَصۡحابِہٖ وَسَلِّم | شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جا چونڊ آسان بيت |
| منهنجو گهر | وطن سان پيار |
| منهنجو خاندان | فطرت جا نظارا |
| پالتو جانور ۽ پکي | محنت/ پورهيو/ جدوجهد |
| موسم | اخلاقي قدر |
| ميوا، ڀاڄيون ۽ گل | |
| رانديون | |

## آسان سنڌي چوٿين ڪلاس لاءِ تجويز ڪيل موضوع ۽ عنوان.

**هن درجي ۾ نثر جا پندرهن سبق، حمد ۽ نعت سميت اٺ نظم، تجويز ڪجن ٿا.**

**نثر جو ڀاڱو**

- پکين ۽ جانورن بابت آکاڻيون
- وطن سان پيار
- سنڌ جون نامور شخصيتون:
  - شاهه عبداللطيفؒ
  - قائداعظم محمد علي جناحؒ
  - حسن علي آفندي/ مير غلام محمد خان ٽالپر
- رانديون
- سنڌ جي ثقافت
- اخلاقي قدرن تي ٻڌل آکاڻي ( سچائي ۽ ايمانداري وغيره)
- سير ۽ سفر
- ڀاڄيون، ميوا ۽ گل
- ڌنڌا ۽ هنر
- موسم ۽ ماحول
- صحت ۽ صفائي
- تاريخي ماڳ ۽ مڪان ( موهن جو دڙو)

**نظم جو ڀاڱو**

**موضوع ۽ عنوان**

- حمد
- نعت
- شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جا چونڊ آسان بيت
- فطرت جا نظارا
- ايڪو ۽ ٻڌي
- وطن سان پيار
- محنت
- انسانيت، امن ۽ ڀائيچارو
- پکين، جانورن ، ميون ۽ گلن بابت آسان ۽ سادا نظم

## آسان سنڌي پنجين ڪلاس لاءِ تجويز ڪيل موضوع ۽ عنوان

**نوٽ:** هن درجي ۾ نثر جا سورهن سبق ۽ ڏهه نظم، حمد سميت تجويز ڪجن ٿا.

**نثر جو ڀاڱو**

- سيرةُالنَّبِي صلّي الله عَلَيۡهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصۡحابِهٖ وَسَلِّم
- وطن سان پيار
- سائنسي ايجادون
- شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو پيغام (ساٽيھ جي سڪ/ جدوجھد)
- سچل سرمستؒ
- محترمہ فاطمہ جناح
- علامہ عمر بن محمد دائود پوٽو
- سير ۽ سفر
- ٽرئفڪ جا اشارا
- قدرتي آفتون
- شهري ۽ ڳوناٺي زندگي
- ماحوليات (وڻ)
- تاريخي ماڳ ۽ مڪان (رني ڪوٽ/ مڪلي/ ڪوٽ ڏيجي وغيره)
- سنڌ جي ثقافت
- سنڌ جا شهر (ڪراچي/ حيدرآباد)
- صحت ۽ صفائي
- مختصر لوڪ آکاڻي

**نظم جو ڀاڱو**

- ڏٽي سڳورو (حمد)
- شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ جا چوند آسان بيت
- فطرت جا نظارا
- وطن سان پيار
- اخلاقي قدر
- محنت
- مندون
- آکاڻيءَ تي ٻڌل نظم

## درسي ڪتابن جي تياري

1. پرائمري سطح تي آسان سنڌيءَ جي ڪتاب جي سائيز 22×32/8 هئڻ گهرجي.
2. ڪتاب جو فونٽ 20 کان وڏيڪ رکي سگهجي ٿو. مشقن ۾ هدايتن جي فونٽ جي سائيز 2 پوائنٽس گهٽ هئڻ گهرجي.
3. ضخامت: پرائمري سطح تي ڪتاب جا صفحا اٽڪل ٽئين درجي لاءِ 80، چوٿين درجي لاءِ 96 ۽ پنجين درجي لاءِ 112 تائين هئڻ گهرجن.
4. ڪتاب جو ٽائيٽل، چئن رنگن وارو رنگين ۽ وٽندڙ هجي ۽ مناسب مقامي، تهذيبي ، ثقافتي ۽ تعليمي پس منظر ۾ ڏنو وڃي
5. ڪتاب جي پهرئين سبق جي شروع ۾ ’بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ‘ ترجمي سان ڏجي.
6. درسي ڪتاب جي پيشڪش ۾ لي آئوٽ معياري هجي. ڪوشش ڪجي تہ هر سبق ساڄي پاسي واري صفحي کان شروع ٿئي ۽ مشقن سوڌو کابي پاسي واري صفحي تي ختم ٿئي.
7. درسي متن جي ٻولي معياري هجي جيڪا روزمره جي ڳالهہ ٻولهہ ۽ عملي گهرجن جي ويجهو هجي، ان ۾ متروڪ لفظن، ڏکين ترڪيبن ۽ غير مستعمل محاورن کان پاسو ڪيو وڃي، جن جو نصابي گهرجن سان لڳاپو نہ هجي.
8. درسي ڪتاب لکڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ جو معياري لهجو ڪتب آڻجي. سنڌي ٻوليءَ جو لغوي ذخيرو درجيوار استعمال ڪجي.
9. سبقن جي چونڊ دوران، سنڌ جي شخصيتن، تاريخي ماڳن، مڪانن ۽ جاگرافيائي اهميت وارن شهرن بابت ڀرپور معلومات ڏيڻ گهرجي.
10. ڪتابن ۾ سبقن جي ڏاڪي بہ ڏاڪي اوسر هئڻ گهرجي، يعني پهريون سبق سولو ۽ آخري سبق ڏکيو هجي.
11. سبق جي شروعات ۾ ’سکيا جي حاصلات‘ هڪ چوڪنڊي ۾ ڏني وڃي ۽ سبق ۾ شامل نوان لفظ ۽ مختصر تدريسي هدايتون شامل هجن. سبق جي طويل متن کي ڪيترن ئي پئراگرافن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. جن جي وچ ۾ ڏي وٺ واريون مشقون (Interactive Exercises) عملي مشقون (Applied Exercises) ۽ سوال وغيره ڏئي سگهجن ٿا.
12. ڪتاب ۾ نظم مختلف سبقن کانپوءِ وقفي وقفي سان ڏيڻ گهرجن.
13. ڪتاب خطِ نسخ ۾ هجي، ڪمپوزنگ معياري ۽ غلطين کان پاڪ هجي، لفظن جي پاڙ ۾ وٿي هڪ جيتري هئڻ گهرجي.

14. ڏکين لفظن ۽ ترڪيبن تي اعرابون ضرور ڏنيون وڃن. ضرورت آهر شد به ڏني وڃي، پر زبر، زير ۽ پيش ضرور ڏنا وڃن.

15. هر سبق ۾ بيهڪ جي نشانين جو خاص خيال رکيو وڃي. مثال: دم، اڌ دم، پورو دم، ٿورو دم، سوال جي نشاني، عجب ۽ واڪ جي نشاني وغيره.

16. متن سان نهڪندڙ مناسب هنڌن تي واضح ۽ چٽن رنگن ۾ تصويرون ڏنيو وڃن، جيڪي رڳو ناهه نوهه لاءِ نه هجن بلڪ سبق ۾ ڏنل تصورن جي تدريس ۾ استعمال ٿين ۽ غير ضروري تصويرون شامل نه ڪيون وڃن.

17. ڪتاب ۾ انسانيت جي احترام، رواداري، سماجي هم آهنگي، ماحولياتي چاڻ ۽ پر امن بقاءِ باهمي کي فروغ ڏيڻ وارو مددگار مواد شامل ڪيو وڃي.

18. متن ۽ مشقي سوالن ۾ سياسي، مذهبي، لساني، علائقائي، صنفي ۽ سماجي تعصب کان پاسو ڪيو وڃي.

19. متن ۾ مثال ڏيڻ وقت ان ڳالهه جو خاص خيال رکيو وڃي ته ڏنل مثال، آس پاس جي ماحول بابت ۽ دلچسپ هجن .

20. بنيادي مهارتون (ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ)سبقن جي ذريعي سيکارڻ گهرجن. مهارتن کي حاصل ڪرڻ لاءِ انفرادي، جوڙن ۽ گروهي نوعيت جون سرگرميون شامل ڪيون وڃن ۽ اهڙيون سرگرميون ترتيب ڏنيون وڃن، جن جو مرڪز ٻار هجي.

21. مشقي سرگرميون، شاگردن جي ذهني سطح کي آڏو رکي وڏ ۾ وڏ ڏنيون وڃن. مشقي سوالن ۾ مختلف قسمن جي سوالن کي جوڳي نمائندگي ڏني وڃي. تخليقي سگهه کي اجاگر ڪرڻ وارن سوالن جي حاصلات کي يقيني بڻايو وڃي، سوالن ۾ معروضي سوال به هجن.

22. ڪتاب جي ليکڪن جي ڪاميٽيءَ ۾ آسان سنڌيءَ جي نصابي ڪاميٽيءَ جي نمائنده رڪنن کي به شامل ڪيو وڃي.

23. درسي ڪتاب جي تياريءَ کان اڳ آسان سنڌيءَ جي نصابي ڪاميٽيءَ جي رڪنن ۽ ليکڪن جو گڏيل اجلاس ڪوٺايو وڃي، جنهن ۾ لکندڙن کي نصاب جي گهرجن کان پوريءَ ريت آگاهه ڪيو وڃي ته جيئن سنڌي ٻوليءَ جي تدريسي مقصدن جو پورائو ٿي سگهي. ان ۾ اهڙن استادن کي به شامل ڪيو وڃي جيڪي لاڳاپيل سطح جو تدريسي تجربو رکندا هجن ۽ درسي سبقن جي تياري ڏنل هدايتن پٽاندڙ ڪري سگهن.

24. ڪتاب جي آخر ۾ الف - ب وار لغت هئڻ گهرجي.

25. ڪتاب ۾ شامل ليکڪن جا نالا ۽ نظم جي شاعر جو نالو متن جي آخر ۾ ڏيڻ گهرجي.

26. ڪنهن غير معروف ۽ اڻڄاتل شاعر يا ليکڪ جي تحرير هرگز شامل نہ ڪئي وڃي. نموني طور شامل ٿيندڙ متن کان سواءِ ٻين متنن تي ليکڪن جو نالو نہ ڏنو وڃي، ڇو تہ اهڙا متن تياريءَ جي ڪيترن ئي مرحلن مان لنگهن ٿا.

27. نصاب جي تجويز ڪيل موضوعن ۽ عنوانن تي مشتمل مواد لکڻ وقت ٻار جي عمر، ذهني پهچ، ضرورتن ۽ انهن جي پسند نا پسند کي سامهون رکيو وڃي.

آسان سنڌيءَ جي ڪتاب جي تياريءَ وقت ليکڪن کي ان ڳالهہ جو خاص خيال رکڻ گهرجي تہ هي درسي ڪتاب غير مادري ٻوليءَ طور پڙهايو ويندو، ان لاءِ اهو لازمي آهي تہ سبقن جي تياريءَ وقت، ٻوليءَ کي درجيوار ۽ ٻنهي ٻولين جي گهرجن جو خيال رکيو وڃي.

## تجويز ڪيل تدريسي حڪمت عمليون ( Teaching Strategies )

آسان سنڌيءَ جي نصاب موجب شاگردن کي ٻوليءَ جي سکيا، مختلف سرگرمين ۽ حڪمت عملين ذريعي ڏني ويندي آهي. انهي ڪري استادن ۽ تربيتي ادارن کي ان ڳالهه جو خيال رکڻو پوندو ته اهي نه رڳو ٻوليءَ جي سکيا وارن جديد طريقن کان واقف هجن، پر انهن کي استعمال ڪرڻ جي قابليت به رکندا هجن .

آسان سنڌيءَ جي ٽئين کان پنجين ڪلاس ۾ استاد، شاگردن کي اهڙيون سموريون سهوليتون مهيا ڪري، جن سان انهن کي بنيادي مهارتن (ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ) سکڻ ۾ مدد ملي. موجوده دَور ۾ ٻوليءَ جي تدريس جا جيڪي آزمايل طريقا، سڄي دنيا ۾ ڪم آندا وڃن ٿا، تن جو تت استادن جي سهوليت لاءِ هيٺ ڏجي ٿو. سنڌي ٻوليءَ جي سکيا دوران، استاد هيٺ ڏنل طريقن کي پنهنجي روزاني تدريسي سرگرمين جو حصو بڻائين.

آسان سنڌي پڙهائيندڙ استاد کي سنڌي ٻولي غيرمادري زبان طور سيکارڻ وقت ڏنل طريقن واري حڪمت عملي، استعمال ڪرڻي پوندي.

### آوازن جي راند

هن قسم جي سرگرمين ۾ آوازن جي سڃاڻپ ڪرائي ويندي آهي مثلاً آواز 'اَ' وغيره سيکارڻ لاءِ استاد، مختلف لفظ اچاري، جيئن: ڪَٽَ، چِتَ، ٻُڪُ وغيره شاگردن کان پڇي ته هن لفظ ۾ پهريون آواز ڪهڙو آهي؟ ٻيو آواز ڪهڙو آهي؟ ڇا اهڙو ساڳيو آواز هن لفظ ۾ آهي؟ جي آهي ته ڪهڙو آهي؟ وغيره.

### اکرن جي راند

هن قسم جي سرگرمين ۾ اکرن جون مختلف شڪليون سيکاريون وينديون آهن، جن ۾ مختلف لفظن ذريعي اکرن جا نالا ۽ انهن جا آواز ۽ شڪليون سيکاريون وينديون آهن. مثلاً : خ، اکر جون صورتون سيکارڻ لاءِ استاد کو به لفظ بورڊ يا فليش ڪارڊ ذريعي ڏيکاري جيئن: خَچَرُ، پڇندو ته هن لفظ ۾ ڇا اهڙو ساڳيو اکر آهي؟ جي آهي ته، ان جي هن لفظ ۾ ڪهڙي شڪل آهي؟ ڇا هن لفظ ۾ ان اکر جي سالم، شروعاتي، وچين يا آخري شڪل آهي؟ وغيره.

## لفظن جي راند

سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جي ذخيري وڌائڻ جون مختلف تدريسي تدبيرون آهن، جن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿيون

- پنهنجي نالي جي آخري اکر سان ڪو صفت جو لفظ ٻڌائڻ، جيئن:
- لفظ جي آخري اکر سان نئون لفظ ناهڻ، مثال طور: منهنجو نالو پارس آهي. هن ۾ پارس نالي جو آخري اکر 'س' آهي ۽ ان سان جڙندڙ صفت 'سهڻي' آهي.
- مختلف لفظن يا اکرن تي مشتمل فليش ڪارڊ استعمال ڪيا وڃن، جن مان موضوع بابت لفظ چونڊي سگهجن، نوان لفظ جوڙڻ، مرڪب لفظ ناهڻ، لفظن جي مدد سان آکاڻي ترتيب ڏيڻ وغيره .

## بصري لفظن جي مشق

بصري لفظ، جيڪي ٻوليءَ ۾ وڌ ۾ وڌ استعمال ۾ اچن ٿا، جيئن: هي، آهي، آهن- آهيان ٿا، ٿي- ٿو- ۾- تي ۽ وغيره، ڪي جملن ۾ استعمال ڪرائڻ جي مشق ڪرائڻ ۽ انهن بابت سرگرميون عمل ۾ آڻڻ، ٻارن جي لاءِ آسان سنڌي سيکارڻ ۾ معاون ثابت ٿي سگهن ٿيون.

## ڳالهه ٻولهه

ڳالهه ٻولهه (ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ) ٻولـيءَ جي بنيادي مهارتن مان آهي. استاد، ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي سرگرمين کي معنیٰ دار ۽ اثرائتو بڻائڻ لاءِ هيٺين نڪتن تي ڌيان ڏين.

- شاگردن کي مختلف طريقن سان، پنهنجي چاهڻ جي اظهار ڪرڻ ۽ پنهنجيءَ رفتار سان سکڻ جو موقعو ڏيڻ گهرجي. ڳالهائڻ تي سندن حوصلہ افزائي ڪئي وڃي.
- ڳالهه ٻولهه ڪرڻ وقت شاگردن کي هڪٻئي جي ويجهو، دائري جي شڪل ۾ ويهاري سگهجي ٿو تہ جيئن هو، هڪٻئي کي ٻڌي ۽ ڏسي بہ سگهن .

## سوال پڇڻ (Questioning)

ٻوليءَ جي تدريس ۾ سوال پڇڻ هڪ اثرائتي سرگرمي آهي، ڇاڪاڻ تہ هڪ معياري سوال سان نہ رڳو شاگرد جي سوچ جي معيار ۽ تخيل جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو، پر سوال جي نوعيت موجب بهتر انداز ۾ شاگرد کان معياري جواب ملڻ ممڪن آهي. استادن کي گهرجي تہ سوال ترتيب ڏيڻ وقت هيٺ ڏنل نڪتن جو خيال رکن.

- ها، نه ۽ هڪ لفظ تي مشتمل سوال رکو نه پڇڻ گهرجن پر سوالن ۾ وڌيڪ سبب وارا سوال پڻ پڇيا وڃن، جن ۾ ڇو، ڇا، ڪيئن وغيره جهڙا سوال به هجن. جيئن: توهان کي ڪهڙي راند/ موسم/ ميوو پسند آهي ۽ ڇو؟ گهٽ ۾ گهٽ ڪري اهڙا سوال پڇيا وڃن، جن ۾ شاگردن کي جملن ۾ پنهنجي راءِ ڏيڻي پوي.
- بلومز ٽيڪسانومي(Bloom`s Taxonomy) جي درجن موجب هر سطح جا سوال تيار ڪرڻ گهرجن.
- سوالن کي سمجهڻ ۽ جواب ڏيڻ لاءِ شاگردن کي مناسب وقت ڏيڻ گهرجي. مشاهدو، مليل معلومات کي ڪم آڻڻ ۽ نتيجن ڪڍڻ جي حوصلہ افزائي ڪئي وڃي.
- شاگرد جيڪو چوڻ گهرن، انهن کي ان جي آزادي هجي. غلط جواب جي صورت ۾ ٻين شاگردن کان پڇي سگهجي ٿو يا خود استاد رهنمائي ڪري سگهي ٿو. اهو عمل اهڙي انداز سان ڪيو وڃي، جو شاگرد جي اعتماد کي ڌڪ نه رسي.
- اهڙو ماحول پيدا ڪيو وڃي جو شاگرد، خود سوال ترتيب ڏين ۽ پنهنجن ساٿين کان پڇن.

## فڪري تحرڪ ( Brainstorming)

- شاگردن جو ذهن اپارڻ هڪ اهڙي تدبير آهي، جنهن موجب ڪنهن عنوان تي شاگردن جا خيال ۽ معلومات ڄاڻي، ان عنوان تي معلومات فراهم ڪئي ويندي آهي. جڏهن به ڪو نئون سبق پڙهائڻو هجي ته پهرين ان موضوع بابت ڪين هڪ ٻن جملن ۾ خيال پيش ڪرڻ لاءِ چئي جيئن: پيشي، موسم يا نظم جي مرڪزي خيال بابت پڇڻ وغيره، سڀني شاگردن جي حوصلہ افزائي ڪرڻ گهرجي ته جيئن اهي، هن سرگرميءَ ۾ شامل ٿين. سڀ ڏنل جواب بورڊ تي لکي، شاگردن کي شامل ڪندي، ان بابت تجزيو ڪرايو وڃي.

## ذهن/ تصور ڄاڃڻ (Mind/ Concept Mapping)

شاگردن جي مدد ڪئي وڃي ته ڄاڻايل عنوان تي پنهنجن خيالن کي ذهن ۾ ترتيب ڏيڻ وقت ڪهڙي ڳالهه پهرين ۽ ڪهڙي پوءِ رکڻي آهي، جيئن: ڪنهن مضمون لکڻ لاءِ ان جي اهم نڪتن بابت لکڻ ۽ متن جي اهم نڪتن جو جائزو وٺي ان کي پيش ڪرڻ وغيره.

## اڳڪٿي (Prediction)

هن طريقي موجب شاگردن کي غور ۽ فڪر ڪرڻ جي ترغيب ڏئي، انهن جي تخليقي صلاحيتن کي اڀاريو ويندو آهي، جيئن:

- شاگرد، ڪنهن آکاڻيءَ جي پڇاڙي ٻڌائي سگهن.
- ڪنهن سوال جي جواب يا نتيجي جو اڳواٽ اندازو لڳائي سگهن .
- تصوير يا ڪنهن ڪتاب جو سرورق يا تصوير ڏسي، آکاڻي/ عنوان جي اڳڪٿي ڪري سگهن.
- واقعي ۽ ڪردار بابت اڳڪٿي ڪري ٻڌائي سگهن.

## ڪلاس ۾ بحث مباحثو (Whole Class Discussion)

- ڪلاس ۾ گڏيل بحث مباحثو هڪ ڪارائتو طريقو آهي، جنهن ذريعي ٿوري ئي وقت ۾ پوري ڪلاس کي سرگرم ڪري سگهجي ٿو. سبق جي شروع ۾ جڏهن ڪنهن نئين سبق جي شروعات ڪرڻي هجي يا سبق پڙهائڻ بعد اندازو لڳائڻو هجي ته جيڪو ڪجهه پڙهايو ويو آهي، ان بابت شاگرد ڪيترو ڄاڻن ٿا، اهڙيءَ صورت ۾ هيءَ سرگرمي مناسب آهي. مثال طور: ڪو به عنوان ڏئي، ڪلاس ۾ بحث مباحثو ڪرايو وڃي.

## انفرادي، جوڙن ۾ يا گروپ سرگرميون ڪرائڻ

ڪنهن هڪ يا هڪ کان وڌيڪ سبقن جي پڙهائڻ واري سلسلي ڪي، شاگردن جي شرڪت سان هيٺ ڏنل سرگرميون ڪري سگهجن ٿيون.

- انفرادي سرگرمي: شاگرد کي انفرادي طور سرگرمي ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو آهي، ته جيئن هو پاڻ کي آزاد سمجهي، پنهنجيءَ رفتار سان سکي. اهڙيءَ طرح ان کي پنهنجي ساٿيءَ تي ڀاڙڻ بجاءِ پنهنجي صلاحيتن کي آزمائڻ جو موقعو ملندو. پڙهڻ ۽ لکڻ جي عمل ۾ هن طريقي جو استعمال موزون آهي.

- جوڙن ۾ سرگرمي: جوڙن ۾ سرگرمي ڪرڻ سان شاگردن کي شريڪ ٿي ڪم ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي. ان کان سواءِ انهن ۾ ٻڌڻ، ڳالهائڻ ۽ بولي سکڻ جي صلاحيت واري مشق ۾ اضافو ٿيندو آهي. اهڙيءَ طرح شاگرد پنهنجن ساٿين سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ۾ لهرائيندا ناهن ۽ شاگردن کي مسئلن جي حل ۽ نتيجن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪٻئي جي مدد جو موقعو ملندو آهي ۽ خوداعتمادي پيدا ٿيندي آهي.


اداره نصاب، جائزو ۽ تحقيق، سنڌ، ڄامشورو- اسڪولن جي تعليم ۽ خواندگيءَ جو کاتو، حڪومت سنڌ

- گروپ ۾ سرگرمي: چئن يا پنجن شاگردن کي گروپ ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو آهي، ائين ڪرڻ سان کين پاڻ ۾ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي. ٻوليءَ جي مهارتن واري سلسلي ۾ مدد پڻ ملندي آهي .انهن کي ٻين جي نظرين جو احترام، پنهنجا خيال پيش ڪرڻ، هڪٻئي جي اصلاح ڪرڻ ۽ خوشگوار ماحول ۾ گڏجي نتيجا حاصل ڪرڻ جو موقعو به ملندو آهي. استاد، سرگرميءَ جي گهرج موجب هڪجهڙن يا مختلف ذهني سطح جي شاگردن جا گروپ ناهي سگهن ٿا. ان ڳالهه جو خيال رکيو وڃي ته هر شاگرد کي شرڪت ڪرڻ جو موقعو ملي.

## تصويري خاڪو (Pictorial Illustration)

هن طريقي ۾ شاگردن کي مختلف تصويرون ڏئي، انهن جي منظرنگاري ۽ مختلف جزن جي وضاحت ڪرائي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح شاگردن جي خيالن کي اياري، ڪنهن به ڪهاڻيءَ جي واقعن جي ترتيب ڏياري سگهجي ٿي .

## گڏجي لکڻ (Group Writing)

شراڪت ۾ لکڻ، هڪ ننڍي گروپ يا پوري ڪلاس ۾ به ٿي سگهي ٿو. هن طريقي موجب استاد، شاگردن جي مدد سان ڪنهن تقريب جو اکين ڏٺو احوال لکي. لکڻ وقت شعوري طور اکرن جي جوڙجڪ، صورتخطي، گرامر، آغاز، مواد، اختتام وغيره جي حوالي سان اهم نڪتن جون غلطيون ڪري ۽ شاگردن کي چئي ته اسان لکڻ ختم ڪري ٻيهر ورجائينداسين، پوءِ شاگردن جي مدد سان غلطين جي نشاندهي ڪندي، لکت کي اصل شڪل ڏئي. هي ڪم ڪنهن ذهين شاگرد جي مدد سان گروپ جي شڪل ۾ به ڪرائي سگهجي ٿو

## مطالعاتي سير (Field Trip )

هن طريقي موجب مشاهدي ۽ معلومات کي گڏ ڪرڻ لاءِ، شاگردن کي اسڪول اندر يا اسڪول کان ٻاهر مختلف جڳهين تي وٺي وڃي سگهجي ٿو. ان سان شاگردن کي موضوع بابت حقيقي زندگيءَ ۽ پنهنجي ماحول جي مشاهدي بعد معلومات کي گڏ ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي. جيئن: جانور، پکي، جيت، ميوا، ٻاجيون ۽ اهم تاريخي عمارتن بابت معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ 'اهڙاسي سير' جو اهتمام ڪيو وڃي. ان جي پڄاڻيءَ تي شاگردن کي ڳالهائڻ ۽ لکڻ جون سرگرميون ڪرايون وڃن .

## انٽرويو (Interview)

- انٽرويو لاءِ ضروري آهي تہ شاگردن کان سوال پھريان ئي ترتيب ڏياريا وڃن. ان سان گڏ شاگردن کي اهڙن سوالن لاءِ بہ تيار ڪيو وڃي جن وسيلي وڌيڪ ڄاڻڻ (Probing) لاءِ پاڻ ئي ضمني سوال ڪري سگھن. ڪلاس ۾ انٽرويو لاءِ فرضي مشقون بہ ڪرايون وڃن

## رهنمائيءَ سان پڙهڻ (Guided Reading)

- ڪنهن بہ ڪلاس ۾ پڙهڻ وارا شاگرد هڪجھڙا نہ هوندا آهن، انهن جي سکڻ ۽ سمجھڻ جو انداز بہ مختلف هوندو آهي. شاگرد پنهنجي ذهني قابليت ۽ لياقت آهر پنهنجي رفتار سان سکندا آهن. هيٺ ڏنل طريقن سان شاگردن جي انفرادي ضرورتن جو خيال رکي سگھجي ٿو.
- شاگردن جي تعليمي ضرورتن، ذهني سطح ۽ دلچسپيءَ مطابق اڀياسي مواد چونڊيو وڃي. قابليت جي لحاظ کان شاگردن جا گروپ جوڙيا وڃن، هڪ ئي ڪهاڻي ۽ متن هر گروپ کي ڏنو وڃي ۽ مواد، شاگرد جي قابليت مطابق آسان ۽ ڏکيو ڏنو وڃي. اهڙيءَ طرح تفهيمي سوال بہ هر گروپ جي قابليت مطابق ڏنا وڃن.
- ڪنهن بہ موضوع تي، جوڙن ۾ پڙهائي اهڙيءَ طرح ڪرائي وڃي جو هڪ شاگرد ٻئي جو مددگار ثابت ٿئي. سمعي ۽ بصري امدادي شين جو استعمال پڻ ڪيو وڃي.
- ڪي شاگرد متحرڪ رهي بهتر ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪندا آهن، جڏهن تہ ڪجھ شاگرد هڪ ئي جڳھ تي ويٺي اثرائتي ڪارڪردگي ڏيکاريندا آهن. اهڙيءَ طرح شاگرد جي مزاج مطابق اهڙو ماحول پيدا ڪيو وڃي، جيئن هر شاگرد پنهنجي صلاحيت مطابق پڙهڻ واري عمل ۾ ڀرپور حصو وٺي .

## رول پلي ۽ ڊرامو (Role Play and Drama )

- رول پلي ۽ ڊرامي ذريعي شاگردن کي اعتماد سان ڳالھ ٻولھ ڪرڻ، مڪالما تيار ڪرڻ ۽ پيشڪش جو موقعو ملندو آهي. پنهنجن دوستن سان گڏجي پيش ڪرڻ ۾ شرڪت جو احساس پيدا ٿيندو آهي ۽ تخيلاتي ۽ تخليقي صلاحيتن جي نشوونما ٿيندي آهي. استاد، موضوع ۽ ڪردارن جي چونڊ ڪرڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪن ۽ مختلف مڪالمن، ڳالھائڻ ۽ ادا ڪرڻ ۾ انهن جي رهنمائي ڪن. رول پلي ۽ ڊرامي جي عنوانن جي چونڊ، شاگردن جي ماحول، مشاهدي ۽ تجربي آهر ڪئي وڃي

## ٽيڪنالاجي (Technology)

ڊجيٽل ٽيڪنالاجي، هن دور ۾ هر فرد جي ضرورت آهي. ڪلاس ۾ اهڙيون سرگرميون ڪرايون وڃن، جن ۾ شاگردن کي موبائيل، ڪئميرا ۽ ويڊيو وغيره مان معلومات گڏ ڪرڻ ۽ استعمال ڪرڻ جو موقعو ملي. اسڪول ۾ جيڪڏهن ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي سهولت موجود آهي ته ان مان به فائدو ورتو وڃي.

**نوٽ:** آسان سنڌي پڙهائيندڙ استاد هي تجويز ڪيل حڪمت عمليون 'آسان سنڌي' سيکارڻ لاءِ استعمال ڪري پر ان کان سواءِ آسان سنڌي پڙهائيندڙ استاد ٻيون به سرگرميون عمل ۾ آڻي آسان سنڌي پڙهائي سگهي ٿو.

# تدريسي مددي شيون

سکيا جي عمل کي وڌيڪ دلچسپ بنائڻ لاءِ سمعي ۽ بصري مددي شين جو استعمال نهايت ضروري آهي. سمعي ۽ بصري مددي شيون حقيقت ۾ استاد لاءِ مددگار ثابت ٿين ٿيون، جن سان هو:

**(الف)**

1. تصورن کي ظاهر ڪري ٿو.
2. تدريسي عمل کي دلچسپ بنائي ٿو.
3. شاگرد ۽ شاگردياڻين کي تدريسي عمل ۾ شريڪ ڪري ٿو.
4. شاگرد ۽ شاگردياڻين جي تخليقي ۽ تعميري صلاحيتن کي اجاگر ڪري ٿو.
5. شاگرد ۽ شاگردياڻين جي تنقيدي صلاحيتن کي وڌائي ٿو.
6. ٻوليءَ جي سکيا جي بنيادي مهارتن جي مشقن جا موقعا مهيا ڪري ٿو.

**(ب)**

سنڌي زبان جي سکيا لاءِ هيٺيون مددي شيون وڌيڪ مناسب رهنديون:

1. پٽي / ڦرهي
2. چوڏ بيتن/ نظمن جا چارٽ
3. پرولين ۽ قولن جا چارٽ / ڪارڊ
4. نظمن ۽ آکاڻين جا ننڍڙا ڪتاب
5. مختلف پيراگرافن جا چارٽ
6. لطيفن ۽ سفرنامن جا ننڍڙا ڪتاب
7. ٻاراڻا رسالا ۽ مخزن
8. ادبي، تاريخي ۽ قومي شخصيتن جون تصويرون
9. گرامر جا چارٽ ۽ ماڊل وغيره
10. نظمن ۽ آکاڻين جون سي ڊيز وغيره
11. ٻارن لاءِ ڇپايل تصويري لغتون
12. فليش ڪارڊ ۽ پرچيون
13. بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ
14. موبائل/ ڪمپيوٽر/ ٽيبليٽ

15. تصويري آڪاٽين جا چارٽ/ ڪتاب
16. الف - بي جي اکرن جا ڪارڊ ۽ چارٽ
17. لفظن جي ذخيري جا ڪارڊ
18. سادن جملن جا ڪارڊ
19. اکرن ۽ آوازن جا چارٽ
20. خوشخطيءَ جا نمونا
21. ميون، ڀاڄين، گلن، پکين ۽ جانورن جا چارٽ
22. سنڌي ۽ اردوءَ جي هڪجهڙن ۽ مختلف اکرن جا چارٽ
23. سنڌيءَ ۾ هڪ کان سَو تائين انگن ۽ لفظن جا چارٽ
24. سنڌي ٻوليءَ جي الف - ب جي آوازن، اکرن، بنيادي لفظن ۽ تصويرن جون وڊيوز/ سي ڊيز
25. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪارٽون جون وڊيوز ۽ سي ڊيز
26. سنڌي ٻوليءَ جي سکيا جون وڊيوز ۽ سي ڊيز

## استادن جو رهبر

دنيا جي سمورن ترقي يافته ملڪن ۾ درسي ڪتابن سان گڏوگڏ 'استادن جو رهبر' به ڇپيو ويندو آهي، ته جيئن تدريس کي بهتر بڻائڻ ۾ استادن جي مدد ڪري سگهجي. تعليمي پاليسيءَ ۾ نصاب جي تبديليءَ سان گڏوگڏ 'استادن جو رهبر' به ضروري آهي. استادن جي رهبر جو مقصد اهو هرگز نه آهي ته استاد کي اُن ڪتاب جو پابند بڻائي، سندس ذهني صلاحيتن کي مفلوج ڪري ڇڏجي، بلڪ هي ڪتاب رڳو وات جي لاٽ آهي، منزل نه آهي. استاد موقعي محل جي لحاظ کان ان مان مدد ۽ رهبري حاصل ڪري سگهي ٿو. تدريس دوران استاد، درسي ڪتابن کي صحيح طريقي سان پڙهائڻ لاءِ 'استادن جو رهبر' جو خاص طور بندوبست ڪيو وڃي. استادن جي رهبر جا مقصد هيٺ ڏنل آهن. لکندڙن لاءِ لازم آهي ته 'استادن جو رهبر' جوڙڻ مهل، انهن کي آڏو رکن.

1. آسان سنڌيءَ جي تدريسي مقصدن کان واقف ڪيو وڃي.
2. استادن کي اها ڄاڻ هجي ته ڪنهن خاص سبق کي ڪهڙي مقصد ۽ مهارتن جي حاصلات لاءِ نصاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي.
3. استاد هر سبق جي تياري، آسان سنڌيءَ جي نصاب جي 'معيارن'، 'مرحليوار حدن' 'سکيا جي حاصلات' ۽ تدريسي ۽ جائزي جي حڪمت عملين موجب سولائيءَ سان ڪري سگهي.
4. استادن کي اها ڄاڻ ڏجي ته سنڌي ۽ اردوءَ ۾ ڪهڙا اکر هڪجهڙا آهن ۽ ڪهڙا اکر مختلف آهن.
5. استاد کي ڄاڻ ڏجي ته سنڌيءَ ۽ اردوءَ ۾ ساڳين آوازن وارا اکر ڪهڙا آهن، جن جون شڪليون جدا جدا آهن. جيئن: ت - ٽ
6. استاد کي خاص سنڌي اکرن جي آوازن، جيئن: ٻ، ڏ، ڄ، ڇ، ڻ، ڳ، ڱ جي ڄاڻ ڏني وڃي.
7. اکرن، لفظن، جملن ۽ ڳُٽن ۾ فرق جي ڄاڻ هجي.
8. لساني سرگرمين ۾ پيش ايندڙ ڏکيائين جو حل ٻڌايو وڃي.
9. لغت، اُچار، تلميحن، پهاڪن / چوڻين وغيره جي مڪمل ڄاڻ ڏني وڃي.
10. استادن کي، ٻڌڻ ۽ ڏسڻ سان واسطيدار مددي شين جي صحيح استعمال کان واقف ڪيو وڃي.
11. درسي ڪتاب ۾ شامل تصويرن جي تدريسي ضرورتن کان واقف ڪيو وڃي.
12. شاگردن جي حافظي جي سگهه، فڪر ۽ تخيل کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ Interactive سوال ڏنا وڃن.
13. عملي گرامر جا اصول تفصيل سان بيان ڪيا وڃن، جيئن معلوم ٿي سگهي ته محض مجرد تعليم بدران انهن کي لساني مهارتن ۾ ڪيئن ڪم آڻي سگهجي ٿو.
14. مضمون نويسي (Essay Writing) ۽ تخليقي سرگرمين جي اصلاح لاءِ مناسب ۽ عمل جوڳن طريقن جي نشاندهي ڪئي وڃي.

15. اُچارن جي اصلاح لاءِ اُپاءُ ورتا وڃن، جن ۾ اعرابن جو ا هتمام، ٻڌڻ جون مددي شيون وغيره اهم آهن.
16. صحيح اُچار ۽ مناسب رفتار سان بلند آواز ذريعي پڙهڻ جي سکيا ڏني وڃي.
17. عام قسم جي غلطين کي سڌارڻ لاءِ اُپاءَ ورتا وڃن.
18. مثالي پڙهڻ، تدريس ۽ تفهيم ۾ ڳانڍاپي پيدا ڪرڻ لاءِ اُپاءَ ورتا وڃن.
19. ’استادن جو رهبر‘ لکڻ وقت آسان سنڌيءَ جي ’معيارن‘، ’مرحليوار حدن‘ ۽ ’سکيا جي حاصلات‘ کي ضرور آڏو رکيو وڃي.

## جائزي لاءِ حڪمت عمليون

ٻوليءَ جي مهارتن جي تدريسي ڪاميابيءَ جو جائزو وٺڻ تمام ضروري آهي. جائزو فوري ۽ مدي وار ٻه ٿيندو آهي. جائزي ۾ ٻارن جي انفراديت، تخليقي صلاحيت ۽ اظهار کي آڏو رکڻ ضروري آهي. جائزي وسيلي استاد ۽ شاگرد ٻنهي جي بهتريءَ لاءِ ڄاڻ فراهم ڪئي ويندي آهي.

جائزي کي سکڻ ۽ سيکارڻ جي عمل کان ڌار نٿو ڪري سگهجي. ان جو سڀ کان اهم مقصد شاگردن جي ڪارڪردگيءَ کي بهتر بنائڻ آهي. جائزو، شاگردن جي حاصل ڪيل مهارتن جي خوبين ۽ خامين کي جاچڻ ۾ مدد ڪندو آهي. جائزو استاد کي ان قابل بڻائيندو آهي ته هو ڄاڻي سگهي ته تدريس جا مقصد ڪيتري حد تائين حاصل ٿي رهيا آهن. جائزي جي نتيجن جي بنياد تي استاد پنهنجي تدريسي طريقن کي بهتر ڪري سگهن ٿا. جائزي ۾ شاگردن جي ٻوليءَ جي بنيادي مهارتن ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ، لکڻ ۽زبان شناسيءَ جي جاچ لاءِ مختلف حڪمت عمليون استعمال ڪيون وينديون آهن. ڪجھ مهارتون معروضي سوالن ۽ ڪجھ موضوعي سوالن وسيلي جاچي سگهجن ٿيون.

شاگردن جي قابليت جاچڻ جا عام طور تي ٻه قسم آهن. انهن مان هڪ سکيا دوران جاچ (Formative Assessment)، ۽ ٻيو مجموعي سکيا جي جاچ (Summative Assessment) آهن.

### سکيا دوران جاچ (Formative Assessment)

تدريس دوران جاچ ۾ اهڙا رسمي ۽ غير رسمي طريقا شامل آهن. جيڪي استاد، سکڻ ۽ سيکارڻ جي عمل دوران استعمال ڪندو آهي. ته جيئن هو، تدريسي طريقن ۾ تبديلي ڪري شاگردن جي ڪارڪردگيءَ کي بهتر ڪري سگهي. جاچ جو هيءُ طريقو استادن کي ان قابل بڻائيندو آهي ته هو شاگردن کي هڪ واضح حاصل ٿيندڙ هدف تائين پهچائي سگهي.

**مثال طور:**

- تدريس دوران جاچ جو عمل مختلف تعليمي سرگرمين سان گڏ جاري رهندو آهي. جيئن بلند خوانيءَ دوران استاد ٻارن جي درست اُچار، لهجي بابت ڄاڻي سگهندو ۽ ان کي بهتر بنائڻ ۾ مدد ڪندو.

## سکيا جي مجموعي جاچ Summative Assessment

مجموعي يا اختتامي جاچ مخصوص مدي دوران (سبق جي پڄاڻي، هفتيوار، ماهوار، ٽه ماهي، ڇهه ماهي ۽ ساليانو) ورتي ويندي آهي. جنهن جو مقصد شاگردن جي تعليمي ڪارڪردگيءَ ۽ مهارتن جي حاصلات جي پرک ڪرڻ آهي. ان جائزي لاءِ آزمائشي پرچا تيار ڪيا ويندا آهن.

**مجموعي / اختتامي جاچ جي تياريءَ ۾ هيٺ ڏنل ڳالهين کي ڌيان ۾ رکجي.**

- ٻوليءَ جي مهارتن ۾ شاگردن جي ڪارڪردگي جاچڻ لاءِ زباني ۽ تحريري آزمائشون تيار ڪيون وڃن، ۽ انهن آزمائشن ۾ موضوعي ۽ معروضي سوال خاص تناسب سان شامل ڪيا وڃن.
- ڏنل 'سکيا جي حاصلات' کي آڏو رکي آزمائش تيار ڪئي وڃي.
- تفهيم ۽ گرامر جي جاچ لاءِ درسي ڪتاب جو يا ٻيو ڪو دلچسپ ۽ ٻارن جي صلاحيت ۽ عمر مطابق متن ڏنو وڃي ۽ ان مان ئي تفهيم ۽ گرامر جا سوال تيار ڪيا وڃن.
- لکڻ جي مهارت جي جاچ لاءِ ريوبرڪ (Rubric) به ضرور تيار ڪئي وڃي ته جيئن انصاف سان هر شاگرد جي ڪارڪردگيءَ کي جاچي سگهجي.
- آزمائش ۾ مختلف قسمن جي سوالن کي جوڳي نمائندگي ڏني وڃي. مثال طور: تفهيمي، ترغيبي، ۽ تخليقي سگهه کي اجاگر ڪرڻ وارا سوال وغيره سوالن ۾ معروضي سوال به هجن، جن ۾ گهڻ جوابي سوالن (MCQs) جو چڱو تعداد هجي. سوال ترتيب ڏيڻ وقت بلوم ٽيڪسانامي (Bloom Taxonomy) کي ضرور آڏو رکيو وڃي.
- آزمائش ترتيب ڏيڻ وقت سوالن ۾ ٻولي سادي ۽ سولي استعمال ڪئي وڃي ۽ سوالن جي ترتيب آسان کان مشڪل ڏانهن هجي .
- درسي ڪتاب ۾ ڏنل مشقي سوالن وسيلي به شاگردن جي 'سکيا جي حاصلات' کي جاچي سگهجي ٿو.
- آزمائش تيار ڪرڻ وقت ان ڳالهه جو خاص خيال رکجي ته 'معيار'، 'مرحليوار حد' ۽'سکيا جي حاصلات' لاءِ مقرر ڪيا ويا آهن، انهن ئي مطابق جائزو ورتو وڃي .

## سوالن جا قسم

1. **معروضي سوال (Objective Questions) :**

معروضي سوالن ۾ مختلف قسمن جا سوال شامل آهن، جيئن: گهڻ جوابي سوال (MCQs) جن ۾ هڪ سوال لاءِ ڏنل گهڻن جوابن مان، شاگردن کي درست جواب چونڊڻو پوندو آهي. خال ڀريو، متبادل جوابن وارا سوال جواب، غلط ۽ درست فقرا، ليڪ وسيلي ملائڻ، مختصر سوالن جا جواب وغيره شامل آهن.

2. **موضوعي سوال (Subjective Questions) :**

موضوعي سوالن جي جوابن کي شاگرد پنهنجن لفظن ۾ تفصيل سان لکندا آهن. جن ۾ تفهيمي سوال- جواب، مرڪزي خيال لکڻ، خلاصو لکڻ، تشريح ڪرڻ، مضمون لکڻ، درخواست لکڻ، خط لکڻ، ڪهاڻي لکڻ، جملا ناهڻ، فرق ڪرڻ ۽ راءِ ڏيڻ وغيره شامل آهن. موضوعي سوالن کي جاچڻ لاءِ جواب ۾ ڏنل متن، طوالت، ربط، صورتخطي، بيهڪ جي نشانين ۽ گرامر جي درست استعمال وغيره کي ريوبرڪ (Rubric) وسيلي جاچبو آهي.

## امتحاني پيپر جو تجويز ڪيل خاڪو ۽ مارڪن جي ورهاست

### آسان سنڌي (ڪلاس ٽئين کان پنجين تائين)

| سيريل نمبر | موضوع | ڪلاس ٽيون | ڪلاس چوٿون | ڪلاس پنجون |
|---|---|---|---|---|
| نثر جو حصو: | | | | |
| 1 | سبقن جا سوال | 5 | 10 | 10 |
| 2 | معروضي سوال | 10 | 10 | 10 |
| 3 | خط /درخواست لکڻ | - | 5 | 5 |
| 4 | خوشخطي | 7 | 5 | 5 |
| 5 | لفظن مان جملا ناهڻ | 5 | 5 | 5 |
| 6 | آکاڻيون/ مضمون | 5 | 8 | 10 |
| 7 | صورتخطي | 8 | 5 | 5 |
| 8 | تفهيم | 5 | 8 | 10 |
| 9 | پڙهڻ (نثر يا نظم جو سبق) | 15 | 5 | 5 |
| گرامر/ زبان شناسي: | | | | |
| 10 | لفظن جو ذخيرو | 15 | 14 | 10 |
| 11 | بيهڪ جون نشانيون | 5 | 5 | 5 |
| 12 | ڳالهائڻ جا لفظ | 5 | 5 | 5 |
| نظم جو حصو: | | | | |
| 13 | سوال | 5 | 5 | 5 |
| 14 | خلاصو/ تت | - | - | 5 |
| 15 | نظم (زباني ياد ڪرڻ) | 10 | 10 | 5 |
| ڪل مارڪون | | 100 | 100 | 100 |

آسان سنڌي (ٽئين کان پنجين ڪلاس تائين) جي نصاب ۽ درسي ڪتابن جي تياري ۽ نظرثاني ڪندڙ ماهرن جي ڪاميٽي

| | | |
|---|---|---|
| .1 | **پروفيسر ڊاڪٽر محمد علي مانجهي**<br>اڳوڻو ڊائريڪٽر جنرل، ڪاليجز گورنمينٽ آف سنڌ | **چيئرمين** |
| .2 | **محترم محمد ادريس جتوئي**<br>اڳوڻو ايڊيشنل ڊائريڪٽر،<br>ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم، اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ سنڌ، ڄامشورو | ميمبر |
| .3 | **ڊاڪٽر الطاف حسين جوکيو**<br>ڊائريڪٽر، ڊاڪٽر اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ، ريسرچ ڄامشورو | ميمبر |
| .4 | **ڊاڪٽر سعيده پروين ميمڻ**<br>پرنسپال، گورنمينٽ نذرت گرلز ڊگري ڪاليج، حيدرآباد | |
| .5 | **محترم تحسين ڪوثر انصاري**<br>اڳوڻي پرنسيپال، گورنمينٽ ايلمينٽري ڪاليج آف ايجوڪيشن (وومين) حيدرآباد | ميمبر |
| .6 | **محترم دلشاد احمد ڏيٿو**<br>اسسٽنٽ پروفيسر، گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج آف ايجوڪيشن (مين) حيدرآباد | ميمبر |
| .7 | **محترم زهران چنا**<br>ليڪچرر، گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج آف ايجوڪيشن (مين) حيدرآباد | ميمبر |
| .8 | **محترم شفيع محمد چانڊيو**<br>اڳوڻو سبجيڪٽ اسپيشلسٽ (سنڌي) سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ، ڄامشورو | سهڪاري ميمبر |
| .9 | **محترم محمد يوسف جويو**<br>لائبريرين، ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم، اسسمينٽ اينڊ ريسرچ سنڌ، ڄامشورو | سهڪاري ميمبر |
| .10 | **محترم اويس پٽو**<br>سبجيڪٽ اسپيشلسٽ (سنڌي)، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄامشورو | ميمبر |
| .11 | **محترم امينه اڪرم انصاري**<br>پرائمري اسڪول ٽيچر، مهراڻ پبلڪ اسڪول، ڄامشورو | ورڪنگ ٽيچر |
| .12 | **محترم محمد ساجد ڪاردار**<br>پرائمري اسڪول ٽيچر، گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول، (ڪيمپس) ڪوٽڙي | ورڪنگ ٽيچر |
| .13 | **محترم شاهنواز چانڊيو**<br>پرائمري اسڪول ٽيچر، گورنمينٽ جان محمد جمالي، پي سي اسڪول اٽيچڊ<br>گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج آف ايجوڪيشن (مين) حيدرآباد | ورڪنگ ٽيچر |
| .14 | **محترم عبدالحميد ڪوسو**<br>سبجيڪٽ اسپيشلسٽ، ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم، اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ<br>سنڌ، ڄامشورو | ميمبر / سيڪريٽري |

GOVERNMENT OF SINDH
SCHOOL EDUCATION & LITERACY DEPARTMENT

Karachi, dated the 12th, February 2024.

## NOTIFICATION

**NO. SELD/HCW/18/2018:** In compliance with the Section 3, sub-section (4), (e) of Sindh School Education Standards & Curriculum Act 2014, Sindh Act No. IX of 2015. School Education & Literacy Department, Government of Sindh is pleased to accord **No Objection Certificate** for approval of **Aasan Sindhi Curriculum for Grade III to V and developing & printing of Textual Material as per the approved Curriculum,** after review by the review committee for Computer Science.

**DR. SHEREEN MUSTAFA**
**SECRETARY TO GOVERNMENT OF SINDH**

**NO. SELD/HCW/18/2018:** **Karachi, dated the 12th, February 2024.**

**A copy for information and necessary action to:**

1. The Chairman, Sindh Textbook Board, Jamshoro.
2. The Chief Advisor Curriculum Wing, School Education & Literacy Department, Government: of Sindh, Karachi.
3. The Director, Directorate of Curriculum, Assessment & Research, Jamshoro.
4. The P.S to Secretary School Education & Literacy Department, Government: of Sindh, Karachi.
5. The official website.
6. The office file.

**(ZULFIQAR ALI MIRANI)**
**SECTION OFFICER (CURRICULUM-A&T)**
**For SECRETARY TO GOVERNMENT OF SINDH.**

SCHOOL EDUCATION &
LITERACY DEPARTMENT
GOVT. OF SINDH